

# هڪ سسئيِ سوَ سوُر

ليکڪا: اَمرتا پريتم

انوادڪا :سندري أتمچنداڻي

**Hik Sasuai sav soor**

# هڪ سسئي، سؤ سور

ليکڪا: امرتا پريتم

انوادڪا: سندري اُتمچنداڻي

Hiku Sassui Sau Soora
Written by Amrita Pritam
Translated by Sundri Uttamchandani

قيمت پوڻا ٻه رپيا

Go to the Index page & click the page number of the chapter that you wish to read.

نئين دنيا پبلشرس

C/o Asha Chand
+91 9769313331 , +91 9821473200,
+971 50 4506739
www.Sundriuttam.com
www.SindhiSangat.com
info@SindhiSangat.com

# سنڌي تنقيد جي اُفق تي ٻہ نوان ستارا

# ٽئگور - هڪ جهلڪ

ليکڪ: آتم　　قيمت: ڏيڍ رپيو

هي ڪتاب سنڌيءَ ۾ پنهنجي قسم جو پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ هڪ ئي ليکڪ، گرديو ٽئگور جي جيون، ناولن، ڪهاڻين، شعرن ۽ ويچارن ۽ مذاق تي اوک ڊوک ڪئي آهي ۽ نئين نگاهہ سان نئين روشني وڌي آهي، جا پروفيسر منگهارام ملڪاڻي جي لفظن ۾ هڪ کوجنا جو ڪم آهي.

# شاهہ، سچل، سامي

## (هڪ نئين نظر)

هن مجموعي ۾ سنڌيءَ جي مشهور ليکڪن - پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، ليوڪ بسنت، جي- ايم- سيد، ليلو رچنداڻي، آتم، ڪرشن کٽواڻي، گوبند مالهي، موهن گمهاڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ منو گدواڻيءَ جا مضمون ڏنل آهن، جنهن ۾ ڪا نہ ڪا نئين ڳالهہ، ڪو نہ ڪو نئون نقطو، ڪا نہ ڪا نئين کوجنا ڏنل آهي. ڪاليجي شاگردن لاءِ تہ هي هڪ ناياب تحفو آهي.

قيمت: ٻہ رپيا

**اڄ ئي اسانکان گهرائي پڙهو!**

ڪمل ٻينگهي ۾ سمهي پيئي هئي.
قسمت، سامهون ٻهي سندس زندگيءَ
جي ڪڙين ڏانهن نهاري رهي هئي:

ڪمل جي ماءُ تارا جڏهن اڃا معصوم ٻالڪا هئي تڏهن هوءَ هڪ ٽاريءَ جيان پنهنجي ماتا پتا روپي درخت کان ڇڄي ڌار ٿي ويئي. موت ٽوڙي زندگيءَ ٻنهي تارا سان کيليو. موت ڪانئس ماتا ڪسي ورتي ۽ زندگيءَ سندس پتا ڪانئس الڳ ڪري ڇڏيو. سندس ماءُ اُن ديس ڏانهن هلي ويئي، جنهن جو نالو ڪنهن کي ٻه ٽي ٿو اچي ۽ سندس پيءُ ان ملڪ ڏانهن هليو ويو جنهن کي سيام سڏبو آهي. ماءُ جي خبر چار ته هنکي ملڻي ئي نه هئي پر پيءُ جي ڏنوان واپاري ٻڄڻ جي خبر به تارا جي زخمن تي ملم لڳائي نه سگهي. هوءَ پنهنجي چاچي وٽ رام پور ڳوٺ ۾ رهندي هئي.



تارا جي عمر جا سال جئين جئين گذرندا ويا تئين تئين سندس للاٽ تي ليڪون وڌنديون ويون. انهن ليڪن سان گڏوگڏ سندس منجهيل سنجهيل ويچار به وڌندا ويا. چاچيءَ جي چرڻ موجب

هوءَ ٻنهين مان گوبيءَ جا ٽڙيل گل ۽ مکڻ جيان سفيد ۽ گول گول گوگڙو کڻي ويندي هئي.

چاچي گوبي ۽ گوگڙن کي وڏي ٽڪر ڪري انهن مان لنبا هار ٺاهي، پٽ ۾ ٽنگي ڇڏيندي هئي، جي ڏيري ڏيري سڪي نوٽ ٿي پوندا هئا. ٽارا ائين محسوس ڪندي هئي جڻ سندس سرير ۾ مک انهن گوبيءَ جي سڪل ٽڪر جيان آهي. ان وقت هن جي من ۾ غصو اٿندو هو ۽ سندس منيون ڀڪوڙجي وينديون هيون. ڪوه جي پٽ تي وڃي، گوبيءَ جا ٽلها تازا ۽ اڇا گل ڏوٽيندي ۽ سنهيون ڊگهيون موريون صاف ڪندي هوءَ انهن مان ٻه چار گل ۽ موريون کڻي پاڻيءَ ۾ وهائي ڇڏيندي هئي. ائين چاچيءَ کان ٽورو بدلو وٺي هوءَ خوش ٿيندي هئي.

ٽارا هڪ ٽنل ٽاري هئي. هن جو بدن سڪي ويو هو ۽ هن جو من به سڪڻ لڳو هو. اچانڪ هڪ گهٽنا ٿي وئي. ٽارا جو ڀنا ناٺي جون ڳوٺرين کٺي واپس پنهنجي ڳوٺ آيو پر اچا ڳوٺ ۾ موٽئي ڪيس ٻورو سال به نه ٿيو هو ته هو به وڃي سائين سڪالو ٿيو.

ڇونتا ته ٽارا جي چاچي شاهدي پريندڙ ماٺهوءَ کي سونيون مهرون ڏيئي سندس من گرم ڪري، سرگواس ٿيل ڀاءُ جي وصعت قاڙي ڇڏي. واپار مان ڪمايل ڌن ڪنهن به نه ڏنو. پر ٻڌي چاچيءَ پنهنجي جوانيءَ جو لڪايل الزام لاهي ڇڏيو هن. بانهن ۾ وڃهين لولي

جا سونا ٻاڙو ٻند ٻڌا ۽ هٿن ۾ ويهين تولي جا ڳرا ڪنگڻ به پاتا ٿين. پنهنجين ڌيئن جي شاديءَ لاءِ هن وانتي ڏاڙن جا هار ٺهرائي رکيا ۽ جڏهن سونارو سندس نينگرين جي ماپ وٺڻ آيو تڏهن هوءَ بار بار چوڻ لڳي ”ان شاهن جي شاهه اسان کي بادشاهن جهڙي دل ڏني آهي. منهنجون ڇوڪريون مٿي کان پيرن تائين سون سان جهنجهيون وينديون.“

چاچيءَ جون ڌيئرون جيئن جيئن سون سان پُر ٿيڻ لڳيون، تيئن تيئن مڙئي ويل ٻاغ جي ڌيءَ سچي ٿيڻ لڳي. تارا هاڻي الڙ نينگر نه هئي. هوءَ پنهنجي چاليءَ تي رلي جو پلئه سنڀال سان رکڻ لڳي هئي.

چاچي ڳوٺ جي استرين کي چوڻ لڳي، ”چاهي هن ڀيري فصل نه به لهي تڏهن به تارا جا هٿ ضرور ميندي‌ءَ سان رڱيندس. چڱو گهر ملي ويو آهي. جيڪي ٻيڪو ڏيئي ڇڏهبو.“ تارا اها ڳالهه ٻڌي.

”منهن جي سڪل لام هاڻي تازي ٿي ويندي...... بنهه تازي“ هن ائين ٿي سمجهيو.

تازي ٿيڻ جي اميد رکي تارا ڪيترا ئي ڏينهن ميرا ڪپڙا پاتا ۽ انهن ونواهه جي رسم ادا ڪيائين. هن جي الڙ جوانيءَ هن جي ڪن ۾ چوڻ لڳي ”ڀلي ٻيون نينگريون چار ڏينهن ميرا ڪپڙا پهرينديون آهن تون نه جڏهن کان پيدا ٿي آهين تڏهن کان ميرا ڪپڙا پاتا اٿيئي.....“

چاچيءَ سچ ٿي چيو هو. تارا جا هٿ ميندِيءَ سان رڱيا ويا. هوءَ پنهنجين ڪراين ڏانهن نهارڻ لڳي. ڪوبه سونارو سندس ڪراين جي ماپ وٺڻ نه آيو. سندس ٻانهن ۾ هڪ پراڻو سونو ڪنگڻ پهرايو ويو، جنهن لاءِ ماپ وٺڻ جي ضرورت ئي نه هئي. جنهن ”چڱي گهر“ جي اميد ۾ هوءَ تازي تاري ٻڻجڻ جا سپنا لهي رهي هئي ان گهر کيس ڇاڻ ويهڻ شروع ڪري ڇڏيو!

تارا جي پتيءَ جي مٺ گرم نه لڳي هئي انڪري مٺ جي بدران سندس زبان گرم ٿي ويئي هئي. هوُ خسيس ڳالهه تي ڪاوڙجي پنهنجي نئين ڪنوار کي چوندو هو، ”اڄ ته تنهنجو ٻلن گرم ڪريان.“ (مار ڏيڻ سچايانءِ جنهن ٺاڪور ڪرڻ جي ضرورت پوئي.)

عورت جي جواني پلي سڪي وڃي پر هنجي هڪ تازي ٿي رهندي آهي. تارا ٻاروٽي ڦلڪي مٿان انبڙيءَ جي ڦاڙ رکي گره ڳيهندي هئي، پر ٽڏهن ٻه سال جي اندر ٿي دونهي سان ڪارائمل سندس جوانيءَ هڪ سفيد مکڙيءَ کي جنم ڏنو، اها مکڙي هئي ڪمل.

ڪمل اڃا پينگهي ۾ ئي هئي، جڏهن هنجي پيءُ پنهنجي زال کي وري خوب مار ڏني. ماءُ جون چيخون پينگهي ۾ پيل ڪمل جي ڪنن ۾ پيئون. ڪمل کي سمجهه ۾ ته ڪجهه به نه آيو پر ٻرندڙ ڪانيءَ مان ٽڪا نڪتا ۽ هڪ ننڍڙو الو اڏامي ڪمل جي اڇيت من ۾ گهڙي ويو.

-۲-

"تنهنجي ڳوٺ مان هڪ چٺي آئي آهي." ڪمل جو پيءُ پتنيءَ کي چئي رهيو هو. ڪمل جا ماتا پتا هاڻي لڏيانا ۾ اچي رهيا هئا.

"ڪنهنجي چٺي آهي؟"

"تنهنجي ساهيڙي هئي نه، بالو؟ انهي پيءُ لکي آهي."

"ڇا لکيو اٿس؟"

"هن کي لڏياڻي ۾ ڪو ڪم آهي. لکيو اٿس ته منهنجي پتنيءَ ڪو به شهر ڏسڻ ٿا چاهين. مان انهن کي وٺي ٿو اچان. ٻه چار ڏينهن تو وٽ رهنداسين."

"پوءِ"

"مون لکيو مانءِ هليا اچو."

"ائين ڇو لکيو؟"

"ڇو؟ توکي ٻه چار ڦلڪا وڌيڪ پچائڻ ۾ ڪا تڪليف ٿيندي؟"

"ٻه ڦلڪا پچائڻ ۾ مونکي ته ڪا تڪليف نه ٿيندي پر هو نه اچن ته چڱو."

"ڇو؟ ائين ڇو ٿي چوين؟"

"جيڪي به ڪمل آهي سو به ڪمل ني هجي. پوءِ ڪمر ڇو ڏسي؟ توهين ڇو ٿا چاهيو ڪان رهندائي [illegible]

پوءِ اجايو ڏارين جي ڪن تي ڳالهه ڇو ٿي؟"

”ڇا منهنجي زبان ۾ ڪنڊا لڳل آهن؟“

”ڪنڊا آهن يا گل اهو ته پرماتما ئي ڄاڻي. مون کي ساري ڄمار انهن سان ئي نباهڻو آهي. پر پيا ڇو اچي تماشو ڏسن؟“

ڪمل جو پتا ان ڳالهه تي به غصي ٿي ويو ۽ ماءُ ساري رات ڪپهه گرم ڪري پنهنجي مار کاڌل هڏن کي سيڪيندي رهي.

جنهن ڏينهن بالو، سندس پٽي ۽ پٽ آيا، ان ڏينهن تارا ڏاڍي مشڪلات سان کٽ تان اٿي.

”هاءِ، ڙي، مان گهوري وڃانس. تون ته اڳي کان به ڇٽ ٿي ويئي آهين!“ چوندي بالو پنهنجي وڇڙيل سکيءَ کي چنبڙي پيئي.

ورهيه ٿيا جڏهن ٻنهي ساهيڙين پنهنجو رٿو هڪ ٻئي ۾ مٽايو هو. ڳوٺ جي هڪ وڏڙي هردوار مان ٿي آئي هئي. هن جيڪو گنگاجل آندو هو، سو ٻنهي ساهيڙين هٿ ۾ جهلي هڪٻئي سان ڄڃي بدلائي هئي ۽ ربوڙيون ورهائي پڪيون سکيون بڻيون هيون.

بالو جو وهانءُ ٿي رهيو هو. هن شاديءَ جي ڏيگ جو ڪرڇو پنهنجي سکي تارا جي سر تي هنيو هو. چوندا آهن ته جيڪڏهن ڪا ساهيڙي پنهنجي شاديءَ جي ڏيگ جو ڪرڇو پنهنجي سکيءَ جي سر تي هڻندي آهي

۽ هوءَ به جلد ئي وڃي شينهن ڪلهي چڙهندي آهي

تارا کي سڀ ڳالهيون ياد آيون. هن جو من ڀرجي آيو. دل ۾ آيس ته چئي ڏيان، ”اڙي، مٺي بالـــو! ڪهڙي نياڳـي ڏيهن منهنجي سر لــــي ڪرڻو هنيءَ؟ شادي ته ٿي، پر هيءَ به ڪا شادي آهي؟“ پـر هن پاڻ روڪي ورتو. ”ساهيڙيون رڳو بدلائي سگهنديون آهن پر دل ڪيئن مٽائينديون؟“ ائيـن سوچي هـوءَ سڏڪي چوڻ لڳي، ”ڪجهه ڪو نهي بالو! ڏاڪڻ تان ڏڪو کاڌو اٿم. سڄي بدن ۾ نيل پئجي ويا اٿـم. اڄ جئن تئن ڪري کٽ تان اٿي آهيان.“

ڪمل اهو سڀ ڏٺو. هوءَ ڏهـــن سالن جي نينگر هئي. هن کي خبر هئي ته هنجي ماتا ڪوڙ ڳالهائـي رهي آهي. هن ڏاڪڻ تان ڏڪو ڪو نه کـــاڌو هو، ڪمل جي پتا ئي ماري سندس سر ۾ لي اهي نيل وڌا هئا. ڪمل خود ئي ڪپهه گرم ڪري مـــاءُ کي ڏيندي ويئي هئي جئن هوءَ پنهنجي ڏکنـــدڙ هڏن کي پڏي ٿوري وقت لاءِ درد کان ڇوٽڪارو پائـــي.

اڄ نه پر جڏهن کان ڪمل پيدا ٿي هئـــي تڏهن کان ماءُ جي انهن نيلن کي سڃاڻيندي هئـــي. هوءَ ڪڏهن ڪڏهن ماءُ کي چوندي هئي، ”امـــا، ٿون پنهنجي پيو سان ڇو نه ٿي هلي وڃين؟“

”ڪمل! ڪهڙي ڳوٺ وڃان؟ جن جنم ڏنو سي هليا ويا. جن شادي ڪرائي، سي پريان ٿي هڪالي ڪڍندا.“

ڪمل سوال پڇندي هئي، ”اما پوءِ تو شادي ئي ڇو ڪئي؟“

”ڪمل! شادي نه سيني کي ڪرڻي پوندي آهي. استريءَ جو چولو ئي اهڙو آهي.“

”پلا پوءِ شادي ڪري مار کائڻي پوندي آهي؟“

”ڇوڪريءَ جا ٻه جنم ٿيندا آهن، ڪمل! شادي ڇوڪريءَ جو ٻيو جنم آهي. سڀ ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي قسمت آهي.“

ڪمل کي قسمت قسمت جي ڳالهه نه سمجهه ۾ ئي ڪانه ايندي هئي، پر هوءَ ضدي نموني ۾ چئي ڏيندي هئي، ”اما مونکي بابا نه اصل نٿو وڻي.“

”ڪمل، توکي نه هو ڏاڍو پيارو آهي.“

”پر جڏهن هو توکي ماريندو آهي، مونکي ڏاڍو ڪنو لڳندو آهي. اما، تون بابا وٽ ڇو ٿي رهين؟“

”ڪيڏانهن وڃان، ڪمو! استري ڳوهيل اٽي وانگر آهي. اندر رکبس نه ڪوتا کائي ويندس، ٻاهر ڇڏبس نه ڪس ڪانو پيا لامارا ڏيندا.“

ڪمل کي ڪوئي به ڪانون جي ڳالهه ڪڏهن به سمجهه ۾ نه ايندي هئي. پوءِ ماءُ الي رنڊڪي ۾ هلي

ويندي هئي ۽ ڪمر اسڪول جو سبق پورو ڪرڻ
وهندي هئي.

اڄ ڪمل جي ماءُ ڪمل جي سامهون ٿي ڪوڙ ڳالهايو هو. هوءَ ڏاڪڻ تان ڪانه ڪري هئي پر هوءَ پنهنجي ساهيڙيءَ کي ائين ٿي ٻڌائي رهي هئي.

ڪمل جڏهن ٻينگهي ۾ ستل هئي، تڏهن سندس پالڪ-من ۾ هڪ چڻگ گهڙي ويئي هئي. اڄ ماءُ جي ڪوڙ ان چڻگ کي وڏو هٽي ڀڙڪائي ڇڏيو هو. ڪمل کي پنهنجو پاڻ مان هڪ قسم جي باهه جي لهس لڳي رهي هئي.

-٣-

ڪمل اسڪول ۾ پنجون درجو پڙهندي هئي ۽ سنيپال پنهنجي ڳوٺ ۾ نائين درجي ۾ هو. هو ڪمل کان چار سال وڏو هو.

اڄ ڪمل کي اسڪول ۾ جيڪي به گهر جا ڪم مليا هئا، سي سنيپال جي مدد سان جلد ئي پورا ڪري ورتائين. هوءَ سنيپال کان پڇڻ لڳي، "ڀائي! تنهنجو ڳوٺ ڪهڙو آهي؟"

"اتي مٽيءَ جا ڪچا گهر آهن. تنهنجي شهر جهڙي رونق اتي ڪانهي. ڳوٺ ۾ شهر جهڙيون بازارون به ڪا نهن. توهان جي شهر ۾ جيڪي شيون وڪامن ٿيون اهي به اتي ڪا نه ملن. پر تڏهن به مونکي پنهنجو

ڳوٺ سنو لڳندو آهي."

"مونکي ته پنهنجي ڏاڏيءَ وارو ڳوٺ وڻندو آهي. اتي به ڪچا گهر آهن. اتي اسانجي شهر جهڙا دڪان آهن ئي ڪونه. هتي جهڙيون شيون به اتي ڪانه وڪامنديون آهن پر مونکي اهو ڳوٺ وڻندو آهي."

"منهنجو اسڪول ئي ميل پري آهي. تنهنجو اسڪول نه بس پري سان ئي آهي. پر اسين جڏهن اسڪول مان واپس موٽندا آهيون تڏهن رستي تي رهٽون ڇني ڪانيندا آهيون. واٽ تي هڪڙو ڪمل گلن جو تلاءُ به ايندو آهي."

"ڪمل جا گل!"

"ها - تنهنجي نالي وارا گل."

"ڀلا انهن جو رنگ ڪهڙو ٿيندو آهي؟"

"ڪو هڪ رنگ ٿورو ئي آهي؟ ڪو گل اڇو ته ڪو نيلو. ڪو وري ڳاڙهو جهڙو......"

"اوهه، ڪمل - گلن جو تلاءُ جيڪر مان ڏسان."

"تون، منهنجي ڳوٺ هلندينءَ؟"

"الائي."

"اڙي، تون ايندينءَ ته مان ٻئي ڪاڏي ڪاراينديس سانءِ مونکي وڻ تي چڙهڻ ايندو آهي."

ڳالهيون ڪندي ڪندي هنن آکاٽيون ٻڌڻ ٻڌائڻ شروع ڪيون. پالي ٻڌائي رهيو هو:-

”هڪڙي هئي شهزادي ۽ هڪڙو هو شهزادو. ماڻهو چوندا هئا ته ايشور واندي وقت ويهي اُنهن ٻنهي کي خاص طرح ڌيان ڏيئي گهڙيو. پوءِ ٻنهي کي سنسار جو سير ڪرڻ لاءِ ڌرتيءَ ڏانهن موڪليائين.

”هڪ ڏينهن هو گهوڙن تي چڙهي گهمي رهيا هئا، جو ڪين هڪ تلاءَ ۾ ڪنول جا گل نظر آيا. ٻئي گهوڙن تان لهي اچي تلاءَ جي ڪناري تي ويٺا. شهزادي چوي، مان اهي سونهري ڪنول ڇنان. شهزادو گهڻو ئي سمجهايس ته ڪنول، ڪناري کان گهڻو پري آهن، ڪيس صبر رکڻو پوندو، جيسين هو وڃي ڪنول جا گل ٽوڙي اچي. پر شهزادي بس ڪري ئي نه سگهي. وٺي جو ڪناري تان ئي ٻانهن ڊگهي ڪيائين ته پير ترڪي ويس ۽ ڌون وڃي تلاءَ ۾ ڪري. شهزادو کيس تلاءَ مان ڪڍڻ لئي هو ته ايتري ۾ هڪڙو وڏو ديو اچي پرگهٽ ٿيو تنهن شهزاديءَ کي ڪڍي پاڻيءَ ۾ ٽڪو ڏنو ۽ ٽڪڙ ۾ شهزاديءَ کي پاڻيءَ مان ڪڍي گهوڙي تي ويهاري ٽڪڙو ٽڪڙو ڀڄي ويو......“

”ٻالي مونکي ڏاڍو ڊپ ٿو لڳي...... ڀلا پوءِ......“

”پوءِ انهيءَ ديو انهيءَ شهزاديءَ کي ڪڍي قلعي ۾ بند ڪيو.“

”پوءِ......؟“

”هو روز شهزاديءَ کي چوندو هو ته جيڪڏهن

هوءَ سانس شادي ڪندي ته هو ڪيئن قلعي جي راڻي بڻائيندو."

"اها شادي وهانءَ جي ڳالهه ڏاڍي ڪئي آهي، ڀالي!"

"ءِ شهزادي دنيا جي ڳالهه مون تي نه پيئي."

"پوءِ....."

"قلعو چئني طرفن کان بند هو ءِ شهزاديءَ کي مٿي برج ۾ بند ڪيو ويو. روز جڏهن شهزادي وارن کي ڦٽي ڏيندي هئي تڏهن اهي ڦٽيءَ ۾ نڪتل وار ڪٽي برج جي نديءَ نديءَ ڪري ڪين مان ٻاهر اڇليندي هئي."

"پوءِ......"

"هنجا وار ڏاڍا خوبصورت هئا، جهڙا سون جون تارون. هنکي خبر هئي ته سندس جهڙا وار ڪنهن جا به ڪونه هئا. هوءَ پيئي ويچار ڪندي هئي ته هڪ ڏينهن شهزادو سندس ڳوڙها ڏسندو اچي اتان لنگهندو ءِ قلعي جي پٺ وٽ اهي وار ڏسي سمجهي ويندو ته هوءَ انهيءَ قلعي ۾ ٿي قيد آهي."

"ڀالي! آخر اهو شهزادو آيو ڪين نه."

"هو ڪنول جي گلن جي ڏکڻين ڏانهن ڪي جهليندو ٻاهر اچي پهتو ءِ شهزاديءَ کي ڳولڻ شروع ڪري ڇڏيائين."

”نيٺ ڳوليندي ڳوليندي وڃي قلعي وٽان لنگھيو. قلعو چئني پاسن کان بند هو ۽ چوڌاري سپاهين ويٺي پهرو ڏنو. ايتري ۾ هڪڙو هوا جو جهونڪو آيو ۽ شهزاديءَ جا وار اڏامي اچي شهزادي جي پيرن وٽ ڪريا. هو جهٽ سڃاڻي ويو ۽ سمجهي ويو ته شهزاديءَ کي ڪنهن قلعي ۾ قيد ڪري رکيو آهي......“

”هو ويچارو هڪڙو ڄڻو ۽ سپاهي هئا الاهي. ڀلا انهن سان وڙهي ڪيئن. پوءِ ته ڪٿي هڪڙو سهڻو ڪبوتر پاليائين ۽ هڪ ڏينهن پريان ئي ڪبوتر کي قلعي جي برج ڏانهن اڏائي ڇڏيائين. ڪبوتر اڏامي وڃي برج جي دريءَ ۾ ويهي رهيو. شهزاديءَ ڏٺو، ڪبوتر جي پير ۾ هڪ ڪاغذ ٻڌو پيو آهي. شهزادي ڏاڍي پيار سان اهو پنو کولي ورتو.“

”ته اها چٺي شهزادي لکي هئي؟“

”هائو ڪمل شهزاديءَ اها چٺي پڙهي، پر ان جو جواب ڏيڻ لاءِ وٽس نڪو هو قلم نڪا هئي مس.“

”پوءِ......؟“

”ڪيترو وقت ويچار ڪري شهزاديءَ پنهنجا وار ڪٽي ڪبوتر جي پرن ۾ ٻڌي ڇڏيا ۽ ڪبوتر کي اڏائي ڇڏيائين. ڪبوتر اڏامي اچي شهزادي وٽ پهتو. شهزادو سمجهي ويو ته شهزاديءَ کي سنڌس چٺي ڀيڄي ويئي، هن پنهنجا سونهري وار موڪلي ٻڌائي ڇڏيو ته هوءَ اتي قيد آهي......“ پاليءَ ڪاڪاٽي

ٻڌائيندي ڏنو ته ڪمل الي ٽي فراسيءَ لي هـن جي ٻانهن ۾ سمهي پيئي هئي.

ڪاڏي پيتي جي ٽانگهه لاهي جڏهن ماءُ اچي ٻاليءَ ۽ ڪمل کي فراسيءَ تان اٿاريو لڏهـن ڪمل اکيـون مهٽيندي اٿي ڪڙي ٿي ۽ ڏٺائين تـه ٻاڻ سڄو وقت ٻاليءَ جي ٻانهـن تي ڪنڌ رکي سمهي هئي. ٻاليءَ ٻانهن سڌي ڪئي ۽ آهستگيءَ سان ٻانهـن کي جوڙ ڏنائين .

”ٻالي! مونکي هتي ننڊ اچي ويئي هئي؟“

”ها،“

”تو پنهنجي ٻانهن ڇونه پري ڪئي، ٿڪجي نـه پيو هوندين؟“

”مون سوچيو، متان تهنجي ننڊ نه ڦٽي پوي.“

”اڙي ها، ٻالي، تو ته مونکي آکاڻي ويني ٻڌائي نه پوري ته ڪانه ڪيءَ؟ پـوءِ هن شهزاديءَ جو نيٺ ڇا ٿيو؟“

”باقي حصو سياڻي ٻڌائيندوسانءِ. هاڻي اما پيئي ڇڙي. ڇوي ٿي، آکاڻيون نـه ڪٽو، وڃـي پنهنجي پنهنجي کٽ تي سمهو.“

-٤-

ٻئي ڏينهن ڇنڇر هو. ڪمل جي اسڪول ۾ هر ڇنڇر تي يا ناٽڪ يا ڪا فلم يا پتلين جو ناچ ڏيکاريو ويندو هو يا ته وري ٻارن کي شهر کان ٻاهر ايڪسڪرشن

ڪرائي ويندي هئي. هن پهري هڪڙو ناٽڪ ڪرڻو هو. ڪمل پاليءَ لاءِ هڪ ٽڪيٽ خريد ڪري آئي. ناٽڪ سماج سڌار تي هو.

ناٽڪ پورو ٿيو ته ٻئي موٽي گهر آيا. ٻئي ڏاڍيون پرياسيون ويلي ڪمل جڏهن ننڊ مان اٿي تڏهن پاليءَ کي ٻانهن کان جهلي چوڻ لڳي، "پالي، اڄ وري مون ڏاڍو خراب سپنو ڏٺو آهي..."

"ڪهڙو؟"

"مون ڏٺو، مان هڪڙي گلن واري باغ ۾ پنهنجي راڻي سان راند ڪندي رهي آهيان."

"ڪالهه ناٽڪ جو ڏٺو هوءِ......"

"اڙي اڳتي ته ٻڌ نه. راند ڪندي ڪندي منهنجو رانو وڃي ڪنڊن ۾ ڦاٿو."

"مونکي ڪٿي سڌ ڪرين ها. ٻس راڻو ڇڏائي ڏيانءِ ها."

"تون به اتي ئي هئين، مگر مون جتان جتان راڻو ڇڏايو ٿي، اتان اتان راڻو ڦاٽي ٿي پيو. تو به راڻو ٻئي ڇڏايو، پر راڻو وڃي ٿي ڦاٿندو. پوءِ مان روئي ويهي رهيس. پاڻي رسندي ڪين؟ منهنجو هڙو سڄو راڻو جو ڦاٽي پيو. پر روئندي روئندي منهنجي اک ٿي کلي پيئي. مونکي بابا سپنن کان ڏاڍو ڊپ ٿو لڳي."

"نه تون راڻو جو ڪيترا جو ياد ڪندي ڪر. خبر الائي منهنجي ماءُ ڇا چوندي آهي؟"

"ڇا چوندي آهي؟"

"چوندي آهي ته گيتا جو پاٺ ڪري سمجهه ته سمجها ڪين ايندا."

"پر گيتا پڙهڻ سان به ڪجهه نه ٿئي پالي!"

"اول تو گيتا پڙهي ڏٺي آهي؟"

"نه بابا. مونکي پاٺ ڪرڻ وڻندو ئي ناهي."

"ڇو؟"

"خبر ناهي."

"نه، توکي خبر ضرور هوندي. ڀلا مونکي ٻڌائين ٿي."

"ٻڌائڻ جهڙي ڳالهه ڪا ناهي. تمام خراب ڳالهه آهي."

"مونکي نه ٻڌائيندينءَ؟"

"نه ڙي!" ڪمل ۽ پالي ٻئي ان طرح ڳالهين ۾ رڌل هئا. سندن مائرن ٻنهي کي ڏسي پاڻ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو، "ٻئي ڪهڙا نه سٺا ٿا لڳن. پاڻ ۾ ريڌا ته ڪيئن وينا آهن."

"ساڳيءَ عمر جا جو آهن."

"سيتا رام جي جوڙي پئي لڳي."

"مائٽي ڪري ڇڏ، پاليءَ جي ڪمل سان."

"ڪمل تنهنجي ئي ڌيءَ آهي."

"منهنجي ڌيءَ ڪان به وڌيڪ آهي. تهر به ته ڏيٺر ئي ته آهن."

”مونکي ٻيو گهر جيئن ڇاڪاڻ تون ماءُ جو پيار ٻه ڏيندينس ته سس جو ٻه.“

”تنهنجي زبان تي ٻڪي رهج. اڄ کان وٺي ڪمل اسانجي ٿي.“

”تنهنجي دل نه ڦري وڃي. باقي مان ته ڪڏهن زبان تان ڦرندي ئي ناهيان.“

ٻئي ساهيڙيون ڳالهيون ڪنديون ٻارن کان پري هليون ويٺيون، تڏهن پالي ڪمل جي منهن ۾ ڏسڻ لڳي. ڪمل چيو، ”پالي!“

”جيءُ“

”پالي، شادي ڏاڍي خراب ڳالهه ليندي آهي. ڇوڪرين کي ڪڏهن به شادي نه ڪرڻ گهرجي.“

”پر ڇوڪريون شادي نه ڪنديون ته ڇوڪرا ڪنهن سان شادي ڪندا؟“

”اها ته مونکي سڌ ڪانهي. پر ڇوڪرين کي شادي اصل نه ڪرڻ کپي. مان ته شادي اصل نه ڪنديس.“

پالي اچرج ۾ ڪمل جي چهري کي تڪيندو ئي رهجي ويو.

او چتو پتيون پنهنجي جڳهه تان
اٿيون رڙهڻ لڳيون ڄڻ اهي مٽي،
چٽي يا سرن جون نه پر پاڻي جون
ٺهيل هيون. وري اٿيون پٽي لڳو
ٻاهران ڄڻ ڪو ٿي انهن کي
ڌڪي رهيو هو ۽ پٽ اندر ئي
اندر گهسندي ٿي ويئي. ٿوري
وقت کانپوءِ وري اهڙو آواز آيو
ڄڻ پٽ کي ڪوئي ڪپ سان
يا نهن سان کوٽي رهيو آهي ؟
نظر آيو هڪ هٿ...... ڪمل جي
رڙ گلي ۾ ئي دٻجي ويئي......
ڪمل هڪ هٿ ڪٽي ڳچيءَ لي
رکيو. ٻيو هٿ ميز تي رکيل پاڻيءَ
جي گلاس ڏانهن وڌايائين. پاڻي
جو گلاس جڏهن گلي ۾ ويو،
تڏهن مس وڃي سامت جو ساهه
کنيو. ڪمل ڏٺو سندس بدن
سڄو پگهر ۾ شل ٿي ويو هو.
آهستي چيائين، "ڪهڙو نه پيارڪ
خواب!" ۽ اکيون ٻوري ننڊ لاءِ
ڪوشش ڪرڻ لڳي.
"لڪ لڪ" ڄڻ ڪو در



ڪڙڪائي رهيو هو. ڪمل اٿي ويٺي مگر ڪتان ڪو نڪاءُ ۽ پڌڻ ۾ نه آيو. ڪيترو وقت ڪن ڪڙا ڪري ويٺي رهي...... ٻڌي ڪن ڇڏ اوندهه جي سيني سان لڳائي ويٺي رهي ۽ اند ڪار ڪنهن گهري راز جيان خاموش رهيو. ڪنهن وقت سوچيائين ته شايد سپنو هجي. ليڪن وري آواز آيو. هوءَ پڪ ته پڪ سجاڳ هئي ۽ واقعي ڪنهنجي پٺ ڪوٺڻ جو آواز اچي رهيو هو...... ڪوئي در ڪي ڏوڏي رهيو هو. ڪمل هراسجي ويئي. اٿي بتي ٻاريائين. سڀ در دريون ۽ پٽيون ڇتيون پنهنجي پنهنجي جاءِ تي اچا ڪڙا هئا. ڪمل پنهنجي نراڙ ته هٿ لاتو. نراڙي سڄي پگهر سان شل هئي. مگر پيرا! تڏي زمين تي پير ٿر ڪي رهيا هئا. عجيب ماجرا هئي! مٿو گرم ۽ پير ٿڌا. ڪيس پنهنجي اڪيلي ڪمري ۾ ڏايو ڊپ پئي لڳو. سوچيائين، وڃ وارو ڪمرو لتاڙي جيڪر ماءُ واري ڪمري ۾ هلي وڃان.

"مگر اچا ڪا بار آهيان ڇا؟ سورهن سالن ۾ پير پئجي چڪو آهي. ڪاليج ته پڙهان ۽ پوءِ به آڌيءَ رات جو اٿي ماءُ جي بستري تي وڃان..."

هوءَ ماءُ جي ڪمري ڏانهن ويندي ويندي موٽي آئي. تڏيءَ زمين تي سندس پير ڄمڻ لڳا. نڪڙ ڪٽ تي چڙهي ويٺي ۽ پير ڪٽي سور ۾ لڪايائين. هاڻي نه سور ۾ سوکهي تي ويٺي هئي. اتي

پر پل هئي، پوءِ نه ساڳيو آواز ٿيو...... وري ساڳيو آواز... ڪنهن پٽ پٺيان ڪونه ڪنهن در پٺيان ڊوڙيو...

ڪمل ڦڙتيءَ سان اٿي کڙي ٿي. پيرن ۾ چمپل پائي ڊرائنگ روم جي اچي بتي ٻاريائين ۽ سڌو ماءُ پيءُ جي سمهڻ واري ڪمري ڏانهن هلي ويئي.

”ڪير؟ ڪمل آهين؟“

”ها، بابا.“

”ڇو؟ ڇا هي؟“

ڪمل جي من ۾ آيو ڇوري، ڊپ ٿو لڳي. پر گهٽ ٿي گهٽجي ويس.

”وڃ، وڃي سمهي پؤ.“

ڪمل نه وڃي سگهي، نه جواب ڏئي سگهي.

هڪ ڀيرو ڇيم نه ته وڃي سمهي پؤ؟

ڪمل پنهنجي پيءُ جو آواز ٻڌي عجب ۾ پئجي ويئي. ”اگر اڌ رات جو مونکي ڊپ لڳو ته ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه. اها ڪهڙي ڳالهه آهي، جنهن تي ناراض ٿجي.“ ڪمل اهو سڀ سوچي ڏاڍي همت ٻڌي ۽ ٿورو آواز ڪيو. ”مونکي مٿي ۾ سور......“

ڪمل جا اکر اڃا ڪمل جي وات ۾ ئي هئا جو اهڙو آواز آيو جڻ ڪوئي پٽ کي ڪرڙي رهيو هجي يا ڪوئي دروازي کي ڌوڏ ڏيندو هجي. هن دفعي آواز بلڪل ئي ويجهو هو......

”هي آواز ڪٿان پيو اچي.“ ڪمل ڊجي ڇيو.

"ڪتان ڪونه ٿو اچي. تون هلي وڃ پنهنجي ڪمري ۾..." هن ڀيري پيءُ جو آواز سخت غصي ۾ ڀريل هو. ڪمل کي پيءُ جو غصو پنهنجي ڳل مٿان چماٽ جيان محسوس ٿيو ۽ هوءَ ڊڄي اٿي. "ماري رکو نه، اڃا به ماري پورو ڪريو" سندس من هڪ ضدي ٻالڪ جيان پڪاريو ۽ هوءَ اتي ئي ڄم ڪاٺــي بيٺي رهي.

"تون وڃين ٿي يا نه؟" پيءُ جو آواز غصي کان ڪنبي رهيو هو. هن ڪمري جي ٻتي اڃا تائين اڻهاميل هئي. "امي!" ڪمل جي مک مان نڪري ويو ۽ هوءَ وڏي ماءُ جي کٽ تي هٿوراڙيون هڻڻ لڳي. کٽ تي سور به پيٺي هئي وهاڻو به رکيو هو، مگر ماءُ اتي نه هئي. "امي!" ڪمل ڇرڪ رڙ ڪئي. انهيءَ رڙ ۾ خبر ناهي ڪهڙو ساهس هو. ڪمل جي ساري سرير ۾ آگ لڳي ويئي. ڊوڙي وڃي ڪمري جي ٻتي ٻاريائين. پيءُ جي منهن طرف ڏٺائين، سندس اکيون ٿي جليون. "امي ڪٿي آهي؟" ڪمل جي آواز ۾ جوش هو. ۽ وري ساڳيو آواز..... بلڪل ساڳيو...... ڇرڪ ٻاهر ڪنهن پٺتان پٽي کوٺي ۽ ڪنهن ٻاهريون در پٽي کڙڪايو. ڪمل ان طرف ڊوڙي ويئي. جهٽڪو ڏيئي پٽس سندس ٻانهن پڪڙي ورتي. ڪمل به هڪ ئي جهٽڪي سان پنهنجي ٻانهن ڇڏائي ورتي ۽ ٻاهريون در جو ڪڙو کولي وڌائين. در کان ٻاهر سندس ماءُ هڪڙي هئي

واڱر پيئي هئي. اوندهه جيڪا ڀرين ڪاري نيل واڱر شانت هئي، سا هاڻي زخم بڻجي وهي چڪي.

هن جسم ۾ ئي جڻ ماءُ، ڏيءُ تي پيئي ۽ ڏيءُ ماءُ بڻجي پيئي. ڪمل، ماءُ کي هٿ واڱر پنهنجن ٻانهن ۾ ڪٺي ورتو. ڪمل جا پساهه ٻاهه جيان تي ڀريا ۽ ماءُ جو سرير برف جهڙو ٿڌو هو. ڪمل پنهنجو منهن پنهنجي ماءُ جي ڳچيءَ، ڪڇن وغيره ۾ ڇهايو جڻ سڄي گرمائش ماءُ جي رڳ رڳ ۾ اوتڻ تي چاهيائين.

"هل اندر... هتان پڪڙ يس." ڪمل جو پيءُ هيٺ جهڪيو ۽ هڪڙي هٿ سان ڪمل ماءُ جون ٽنگون پڪڙيائين. ڪمل جي زندگيءَ ۾ هيءُ پهريون ئي موقعو هو، جو پنهنجي پيءُ جي ٻانهن کي ٻري ڪٺي اچليو هئائين. اهو مرد جنهن پنهنجي زال کي ساري عمر ڏڪا ئي ڏنا هئا، تنهن چپ چاپ ۾ ڏيءُ جو ڏک سهي ورتو ۽ اڳتي وڌي وري ٻه ٻانهون جهڪائي ويٺو.

هڪڙي سور، ٻه سوريون، گرم پاڻيءَ جون ٻاٽليون، برانڊيءَ جو پيڪ، پنهنجي دل جي گرمائش، ڪمل جيڪي به ڪري سگهي ٿي تنهن ۾ ڪسر نه ڇڏيائين. ماءُ جو بدن جڻ پوءِ ٿڌن گرم ٿيندو ويو ۽ ٿنهل سر جيان جلڻ لڳو. صبح جو جڏهن ڪمل اٿي ٿڌ هن ڏٺائين ته ڪمل جي ماءُ کي سوڄهه ٻه گريون ٻخار هو.

منٿ ميڙ ڪرائي، مگر پوءِ اهو بہ آتما جي ئي راهہ
وٺي رمندو رهيو.

ٿي ڏينهن اڳ اهو ئي سرير هو، جو گرم هو،
جنهن ۾ دل ٿي ڌڙڪي جو ڪم ڪار بہ ڪري پئي
سگهيو ۽ جنهن کي رات جي انڌيري ۾ گهر کان ٻاهر
ڪڍيو ويو هو. اڄ اهو ئي سرير ٿڌو ۽ شانت پيو هو.
ڪجهه نٿي ڪڇيائين. اڄ ڪيس ڏينهن ڏني جو پوريءَ
روشنيءَ ۾ در کان ٻاهر موڪلي ڇڏيو.

رات جي انڌيري ۾ ڪنهن جي بہ ڪن ۾ اها
وارادات ڪين پهتي هئي. مگر ڏينهن جي روشنيءَ
اوڙي پاڙي، مٽن مائٽن وغيره سڀني کي ڪرڻي
ڪٺي ڪئو ڪيو.

ان رات ساڳئي سرير لئي ڏڪڻ جا نشان هئا. اڄ
ڏينهن جو مٿس زريءَ جي چادر وڌي وئي هئي.
ان رات جنهن سرير کي پوهہ جي سرديءَ ٿي سڪايو
اڄ انهيءَ سرير کي ئي ڪيترن مٽن ڪانئين جي ٻاهہ
بہ ڪجهه ڪين ٿي محسوس ڪرايو. ان رات ۽ هن
ڏينهن ۾ ڪيڏو نہ فرق! ڪمل جي جان ڏڪي وئي.
ڪيس ائين لڳو ڄڻ اها ڏڪڻي سندس مستقبل ۾ بہ
پکڙجي ويندي.

-٢-

ڪمل جنهن وقت گهر مان نڪتي هئي، ان وقت
ٿوري بارش پئي هئي. پر جنهن وقت هوءَ پرنسيپال

جي ڪمري وٽ پهتي، تنهن وقت بارش زور پڪڙي چڪي هئي. وڏو ڦاٽڪ کولي باغيچو لنگهي ساموهون وراندي ۾ پهچڻ تائين سندس ڪپڙا پاڻيءَ ۾ بلڪل ٿي پسي ويا. ڪمل اڃا دروازو ڪو نه کڙڪايو هو. پر پرنسپال پنهنجي دريءَ وٽ ويٺي پنهنجي باغ ۾ گلن کي سنان ڪندو ڏسي رهي هئي. سندس ڌيان هاڻي ڪمل ڏانهن ويو، "اندر هلي اچ نه ڪمل."

"منهنجا ڪپڙا...... سڄو فرش خراب ٿي پوندو."

"منهنجي فرش جي ڪا به خرابي ڪانه ٿيندي، سادو ٿي نه آهي. وري ڪٺي صفا ڪبو، پوءِ ڇا. تون اندر هلي اچ نه."

ڪمل چپل ٻاهر رکي اندر هلي آئي، "الاجي مونکي اچڻ کپندو هو ڪي نه. مون هڪڙي درخواست موڪلي هئي......"

"توکي ڀيا ڪپڙا ڏيان؟ مٽائي وٺندينءَ؟ ڏاڍا آلا ٿي ويا اٿيئي."

"نه نه مهرباني. گهڻو ڪونه پسيا آهن." چوندي ڪمل پنهنجو رئو ڪڍي ٻاهر نپوڙيو ۽ وري ڳچيءَ ۾ ڪڍي پاتائين. "مون هڪڙي درخواست......"

"ها ها درخواست ته مونکي ملي آهي، پر تون ڪپڙا ته مٽائي وٺ، نه ته ٿڌ لڳي ويندءِ."

"جيڪڏهن توهين مونکي پنهنجي هاسٽل ۾ جڳهه ڏيو...... مون ٻڌو آهي ته درخواستون تمام گهڻيون

آيون آهن...... ۽ هاسٽل ۾ جڳهه تمام گهٽ آهي..... مونکي تڏ ڪانہ لڳندي......"

ڪمل جي ڳالهين ۾ پورو سلسلو نہ هو.

پرنسيپال کيس ڪل اچي ويئي. "اگر هاسٽل ۾ جڳهه ملي وڃيئي تہ تڏ ڪانہ لڳندو."

"نہ نہ ائين ڪانہ ٿي چوان......" ڪمل کي خود پنهنجي بي سلسلي ڳالهه تي ڪل اچي ويئي.

پر هاسٽل ۾ رهڻ جي مجبوري تہ انهن کي سهڻي پوندي آهي جن جا ماءُ پيءُ ساڳئي شهر ۾ نہ رهندا هجن."

"منهنجي ماءُ......"

"مونکي خبر آهي، تو موڪل بہ ورتي هئي. ڇا ٿيو هو تنهنجي ماءُ کي؟ ڇا گهڻي عرصي کان بيمار هئي؟"

"نہ...... اوچتو تڏ لڳي ويئي هئس......" ڪمل ڪنڌ ڪڍي هيٺ ڪيو.

"تنهنجا ڀيا ڀائر ڀيڻر؟"

"مان اڪيلي آهيان."

"تنهنجو پيءُ؟...... اهو تہ شايد هتي ئي ڪم ڪندو آهي نہ؟"

"ها، پر توهين مونکي هاسٽل ۾ جڳهه ڏيو."

"۽ پوءِ توکي تڏ ڪانہ لڳندي......" پرنسيپال وري بہ ڪلي ماءُ جي موت واري دکہ ڀري ڳالهہ کي.

سک ۾ بدلائڻ جي ڪئي ۽ انئي ڪبٽ مان ڪپڙا
ڪڍڻ لڳي.

"تون ساڙهي نه پائي وٺ."

"مونکي سچ پچ ٿڌ ڪانه ٿي لڳي."

"ڏس، توکي اجا به ٿڌ کان ڊپ نٿو لڳي نه. هاڻي ٿي نه وڃي چيڻ نه لنهنجي ماءُ کي ٿڌ لڳي ويئي هئي- هيڏانهن نه اچ ڏس ڪهڙي ساڙهي پسند اٿيئي......"

ڪمل انڪار ڪري نه سگهي ۽ ڪبٽ مان هڪڙي ساڙهي ڪڍي ورتائين. جڏهن سنان جاء مان ڪپڙا مٽي باهر آئي تڏهن پرنسيپال به ڪوپ چانهه ٺاهي رکي هئي. هڪ ڪوپ ڪمل ڏي وڌائي چيائين، "تو سائنس ڪئي آهي نه؟ اڳتي هلي ڇاتي ڪرڻ چاهين؟ ڊاڪٽرياڻي ٿيندينءَ؟"

"نه،"

"نه ڇا ٻين ڇوڪرين وانگر امتحان پاس ڪندي ٿي شادي ڪري ڇڏيندينءَ؟"

"نه انين ڪونهي."

هن ٻيري نه چوڻ مهل پرنسيپال ڪمل کي جاچي ڏٺو ۽ چيائين "اڪثر ته ڇوڪريون ان لاءِ پڙهنديون آهن نه جيئن ڪين ڪو سٺو ور گهر ملي وڃي."

"مگر مان ان لاءِ ڪانه ٿي پڙهان." ڪمل جي جواب ۾ عام ڇوڪرين واري لڇ ٻري ناڪار ڪانه

هئي. پرنسپال جو ڌيان اچا بہ وڌيڪ ڇڪيو.

"تہ پوءِ ڪهڙي طرف وڃڻ پسند ڪنديئين؟"

"توهان جي راهہ تي."

"منهنجيءَ راهہ تي؟" پرنسپال ڪمل ڪي ڌيان سان ڏنو ۽ چوڻ لڳي، "منهنجي راهہ ڪهڙي آهي. تعليم جي راهہ؟"

"توهان هڪڙي ڏينهن ڪاليج ۾ ٻڌايو تہ توهين ڪانگرا گهاٽيءَ ۾ هڪڙو اسڪول کولڻ ٿا چاهيو. جيڪي مائٽ لشڪر ۾ ڪم ڪندا، تن جا ٻار هڪ هنڌ رهي پڙهي نہ ٿا سگهن ۽ نہ ئي پگهار وارا مائٽ وڏن ڪانوينٽ اسڪولن جون فيون بہ نہ ٿا ڀري سگهن. انهن لاءِ توهان......"

"ها، اهو سڀ ڪيترا ئي ڀيرا منهنجي اندر ۾ ڏاڍيءَ لڪ سان اچي ٿو، مگر معلوم ڪونهي تہ ڪڏهن سچ ٿيندو."

"مان انهيءَ اسڪول ۾ ڪم ڪنديس." ڪمل اهڙيءَ تہ دريتا سان چيو جڻ انهيءَ اسڪول جي زمين خريد بہ ڪئي ويئي هئي ۽ اسڪول جي جڳهہ ٺهڻ شروع بہ ٿي ويئي هئي جو انهن پٺي لڳو، جڻ پرنسپال سڪول جي پڙهيل ڇوڪرين کي نينڊ ڏيئي گهرايو بہ آهي ۽ اهڙي نينڊ ڪمل سويڪار بہ ڪري ڇڏي آهي. پرنسپال کلي ويئي. وري چوڻ لڳي، "۽ هڪ ڏينهن اوچتو تنهنجي پيءُ جي

تار اچي ويندي ته فلاڻو ڏينهن تنهنجي شاديءَ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. جلدي استعفا ڏيئي اچ."

"ائين نه ٿيندو. مون هڪ دفعو چيو ته مـــان توهانجي ئي راهه پڪڙيندس."

"مطلب ڇا؟"

ڪمل پنهنجو سر جهڪائي ڇڏيو.

"تون ڇا ٿي چوڻ چاهين ڪمل!"

"مان...... ڪجهه به نه..."

"ڪمل تون ڪجهه ته چوڻ چاهين ٿي."

"ڪمل کي ٿوري لڄ آئي پر پوءِ چوڻ لڳي، "توهان کي ڪڏهن اهڙي تار آئي هئي؟ ۽ جي آئي به هئي ته توهان ته ڪڏهن استعفا ڪين ڏني."

پرنسپال جي دل ڀرجي آئي، من ۾ آيس جيئن ڪمل سان ويٺي جيءَ ڀري ڳالهيون ڪريان ائين جئين هڪ گذريل جواني ايندڙ جوانيءَ سان ڳالهيون ڪري. باهه ۽ پاڻيءَ جون ڳالهيون - دل ۾ ٻرندڙ آڳ جون ۽ اکين مان نڪرندڙ پاڻيءَ جون. پرنسپال جي يادگيرين ۾ ٽيهه سال اڳين گذريل حياتي اٿلي پٿلي وٺي. اسڪول، ڪاليج، تعليم جا ڪوهه. هر سال ڇوڪريون خالي هاسٽل جيان آيون ٿي ۽ وديا سان ڀرپور ٿي ويئون ٿي هليون ۽ هوءَ اسڪول جي ماسترياڻي ۽ ڪاليج جي پرنسپال اتي ئي ڪوهه جي ٽوڙيءَ وانگر پڙي رهي هئي. ٽوڙي جنهنکي عمر جي ڦڙڪيءَ

ڇڪي ڇڪي ٽٽڻ لائق ڪيو ويو هو يا ايندڙ ڏهن سالن ۾ ڪري ڇڏيندي...... هن ننڍڙي ڪڏهن به ٻاهر نڪري اهو نه ڏٺو هو ته اُتي ڪي وڏا درياءَ نديون به وهن پيئون، جن مان نڪري ڪئين "سهڻيون" پنهنجن پيارن کي ملڻ لاءِ وينديون آهن... ٻاهر ميلن ۾ وڏا سمنڊ به هوندا آهن، جنهن جي ڪنارن تي ويهي ٻالڪ سپون ميڙيندا آهن...... پرنسيپال جي من ۾ آيو ته جيڪر ڪمل کي گلي سان لڳائي ۽ چوي، "تون ڇا به ٻڌجي وڃ راڻي! مگر ڪوهه جي ڏيڏر نه ٻڌجانءِ؟"

گذريل جواني اُڀرندڙ جوانيءَ کي ڏٺو ۽ پوءِ پرنسيپال کي...... هي سڀ ويچار ڪيئن ائين لڳا جڻ اهي ويچار وڏي ور ٻڌجي آيا هئا ۽ ڪجهه ٻڌجي موٽي ويا هئا. ڪناري جي رهڻيءَ لئي پاڻي نه پيتو هو. هن ڪمل کي فقط ايترو ٿي چيو ته "هاسٽل ۾ ته جڳهه ملي ويندءِ مگر ڪڏهن دل لڳي ته هتي هلي اچج."

-٣-

پرنسيپال ڪماري مدن جي من ۾ ڪانگڙا گهاٽيءَ منجهه اسڪول کولڻ جو سپنو سالن کان هڪ ٻج جيان پيل هو. ڪانگڙا گهاٽيءَ جي ٻوٽن جو چپو چپو گهمڻ ڪانپوءِ مدن کي پنج رکي اسٽيشن کان لڳ ڀڳ ٽي ميل پري هڪ زمين پسند آئي. ڪماري مدن

جي سهڻن جو ٻجهه سلو ڪيڻ لڳو. ڏولا ڏار جي اُتانهن
ٻهاڙن جي ڪمر ۾ اها صاف صفا زمين هئي جنهن جي
هڪ طرف سنو ٻهاڙي جهرڪو پٽي وهيو، جنهن جي
ڪک ۾ ٿي چڪيون ٿي هلديون. ٻري ٻري جيستائين
نظر پهچي ٿي سگهي، اوستائين اُتاهين ۽ هيناهين
ڏاڪڻين وانگر ٺهيون وچايل هيون. ڪانين جي ڇڇڙين
۽ سلين جي ڇتين وارا ٻهاڙي گهر انهيءَ زمين کان
اوري ٿي ٻري هئا. هڪڙو باغ انهيءَ زمين ۾ اچي
ٿي ويو، جتي ڏاڙهن ۽ زيتونن جا وڻ جهولائي رهيا
هئا. ڪنهن هاريءَ به پنهنجي ٻڪل ڦلن جي اٿري
اون نه ڪٽي هوندي. مٽيءَ ۾ ڪوڏريون ٿي لڳيون.
پٿر هيون ٿي ڪڍيون ويٺيون. سڀن جون پٺيون ڪهنديون
ٿي ويٺيون ۽ هيٺ ويهي ڪماري مدن پنهنجن سهڻن
کي اُپرندو پيئي ڏسندي هئي.

هي اهي گرمي جا ڏينهن هئا جڏهن پنجاب جي
ڪاليجن ۾ موڪلون هونديون هيون. ڪمل پنهنجي
ڪاليج جو پڇاڙيءَ جو سال پورو ڪري چڪي
انگريزي مدن کي اڪيلو نه اڇو پيو. ڪمل سنڌس
ٿهندڙ اسڪول جي ٻهرين ماستر ياڻي هئي. مدن ۽
ڪمل اڄڪلهه هڪڙي ٻهاڙي گهر ۾ رهنديون هيون.
سڪول ۽ اسٽاف گهرن جون پٺيون روز بروز اوچيون
ٿينديون ٿي ويٺيون مگر هاڻي ڇٽيون لڳيون هيون.
ياڻي به اڇو هو. سرڪار ٻهلي ڏيڻ جو انجام ڪيو هو...

ڪماري مدن چانهه ناهي پوءِ وڃي ڪنهن ٻن پتن جي وڻ هيٺان ويهي رهندي هئي. انهن لڳندو هو ڄڻ پنهنجين اکين ئي اکين ۾ ٿهندڙ پتين جي ماپ ڪندي رهندي هئي. ٻارن جا مائٽ مدن کان ٻہ وڌيڪ ٽڪڙا ٽي ڏنا. هر روز چنين جا ٻہ ٻر لـڳي ٽي ويا. انڪري مدن جي من جا سپنا اسڪول جي پٿن کان ئي اوچا ٿيندا ٿي ويا.

ڪمل جو پيءُ ته پنهنجي جوان سهڻي ڌيءَ کي ٻاڻ کان پري ڪري خوش اصل ڪين هو. انڪري هڪ ڀيرو خود اچي سڀ ڪجهه اکين سان ڏسي ويو هو.

”ڪمل تون هن ڀيري موڪلن ۾ ڪجهه وقت پيءُ وٽان ڇو نٿي ٿي اچين؟“

”مان هتي ڏاڍي خوش آهيان.“

”مونکي خبر آهي، تون انڪري نٿي وڃين جو توکي ڊپ آهي ته مان هتي اڪيلي نه ٿيان.“

”مان اهڙي نه پراڻڪارڻ ڪانه آهيان، جهڙي توهين مونکي سمجهو ٿا!“

”ته پوءِ ڇو نه ٿي ڪجهه وقت پنهنجي گهران ٿي اچين؟“

”منهنجو گهر؟...... منهنجو گهر ته ڪوبه ڪونهي.“

”تون ائين ڇو ٿي چوين ڪمل. تنهنجي پيءُ جو گهر ڇا تنهنجو گهر ڪونهي؟“

”ڏون انهن ڇوٽي ڇوڪرن ڪمل، تنهنجي پيءُ جو گهر ڇا تنهنجو گهر ڪونهي؟“

ڪمل ڪو به جواب نه ڏيئي سگهي. ڏورو ٽرسي چيائين، ”موڪلن ملڻ کان اڳ ته پئي سوچيم، موڪلن ۾ هاسٽل ۾ جا نه رهي سگهنديس ته ڪيڏانهن وينديس؟ اها ته چڱي ٿي جو توهين مون کي پاڻ سان گڏ هتي وٺي آيا.“

...... اڄ پهريون ڀيرو هو جو ڪماري مدن ڪمل جو سر ڪٽي پنهنجي گود ۾ رکيو. ڪيترن ڏينهن کان سندس رشتو هڪ ٻئي لاءِ گهاٽي چانؤ جو ٿيندو ٿي ويو. اڄ ته ڄڻ اُنهن گل کلي آيا هئا.

”ڪمل تنهنجيءَ ننڍڙيءَ دل ۾ ڪهڙين اُداسين جو ڏيرو آهي؟“

”مون کي ڪهڙي سڌ. ۾ ائين لڳندو اٿم ڄڻ مان جنم کان اُداس آهيان. شايد ان کان به اڳ کان وٺي يا شايد ماءُ جي جنم کان به اڳ کان وٺي......“

”تنهنجي ماءُ جيئرو سگهي نه هئي ڇا؟“

”نه. اُنهي لاءِ ته کو پنهنجو گهر ڪونه هو.“

”ليڪن تنهنجي پيءُ جو گهر؟“

”اهو ته پيءُ جو ئي گهر آهي. اُمڙ جو گهر ڪٿي هو؟ شايد ڪنهن به عورت جو گهر پنهنجو نه ٿيندو آهي.“

” ڪمل!“

”انهيءَ ڪري ئي ڇيم ته مون کي گهر آهيڻي ڪونه. جيڪو دروازو منهنجي ماءُ لاءِ بند ٿي ويو، اُن کي مان ڪڙڪائڻ ٿي نٿي چاهيان. منهنجي ماءُ.........“ ۽ ڪمل روئي ويئي.

مدن جي اندر وڏل ڏاري، جا ڪڏهن ماڻا نه ٻڌي هئي، سا اوچتو ئي اوچتو ماءُ ٻڌجي پيئي. ڪارڻ ڳوڙهن جبر ناهي ڪيڏو مثر ڪري وڌو وان رشتي ڪي.

”منهنجي ماءُ سڄي رات سندس دروازو ڪڙڪائيندي رهي. ٻاهر ولهه ٿي پيئي، بـرف جهڙو فرش ۽ سندس ٻچيءَ پر فقط هڪ چولو هو.......“

ڪمل جو هانءُ جڻ ڇڙن ئي اڇي پيو.

”اُتان ٿي کيس ٿڌ لڳي هئي؟ جڏهن اوچتو...“ ڪماري مدن ڇڻ ڪنبندي پڇيو.

”ها، اوچتو ئي ٿڌ لڳي ويس، نمونيا ٿـي پيئي هئس، گهڻي ئي ڊاڪٽر گهرايا سين. هميشه مرد زال کي گهر کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندو آهي. ڪڏهين زال به ڪنهن مرد کي گهر مان نيڪالي ڏني آهي؟ فقط ان ڪري ته جو گهر هميشه مرد جو آهي ...... عورت جو ڪو ئي گهر نه ٿيندو آهي.“ ڪمل جي اکين مان جنم پر جا ڳوڙها ڪنا ئي وهڻ لڳا.

”هڪ ڏينهن جڏهن مان هاسٽل جي سيٽ لاءِ توهان کي چوڻ لاءِ توهانجي ڪمري ڏي آئي هئس تڏهن...“

”ها، تڏهن ؟“

ڪڏهن توهان ڇهو هو ڇوڪريون فقط انلاء پڙهنديون آهن ته ڪين سٺو ور گهر ملي وڃي."

"ها...... !"

"۽ مون ڇهو هو، مان انلاء ڪانه ٿي پڙهان..."

"ها ڪمل..."

"مان ته فقط انلاء پڙهي رهي آهيان، جئن مون کي ڪڏهن به اهڙي دروازي تي نه وڃڻو پوي جو وري مون لاء بند ٿي وڃي."

"پر ڪمل......"

"ڇا ڇوٽو آهي توهان کي؟"

"ته ڇا ڪو ٿي سمنڊ ۾ ان ڪري ٻيڙي نه لاهي، ڇو ته اها متان ٻڏي نه وڃي ۽ سڄي عمر ڪناري تي ويٺو رهي؟ مون ان طرح اهي گذاريو آهي. وقت ڏيري ڏيري انهيءَ ڪناري کي به ڪاٽو ڇڏي. ٻنتي پڇتاءَ جي ريتي ٿي رهجو وڃي. اهڙيون به سمنڊ جي طوفانن سان ٽڪرجي ٽڪجي ليون پون. پاسا پڇيو پون، سڪان ٽٽيو پون. مگر انهن جي گريل لڪڙين ۾ قائل ڪيڙي ۾ هڪ قسم جو ايمان رهي ٿو. ڪيترائون نه لهرون هنن پنهنجي سرتي سٺيون. ڪيترين هوائن جو طرف هنن بدلي ڇڏيو!"

"مان سيني آئن پٽلن کي سڀ ونند ٽس........ سيني هوائن کي به ..... رڳو هن اسڪول کي توهين سڀهڄي ٻيڙي ٻڌي رهڻ ڏ جو......" ڪمل جڻ روئنديي

روئنديءَ ڪاڻ لڳي.

”اسڪول ٻڙي ناهي، ڪنارو آهي ڪمل. جڏهن ٻه زندگيءَ جي لهرن مان ٽڪجي ٻوڙين ٿا ڏهن مون کي ڪنارو ڪري سمجهج.“

”هن جو در مون لاءِ هميشه کليل رهندو؟“

”ها ڪمل! هي تنهنجي دل جو دروازو آهي. تنهنجي وشواس جو دروازو آهي. پاڻ ۾ ڀروسو آهي، انسان ۾ ڀروسو ......“

”ايترو نه مان ڪجهه ڪين ٿي سمجهان...... مان نه پس ايترو ٿي چاهيان ته هيءُ دروازو منهنجو ٻڌجي وڃي....... مان دنيا ۾ ٻئي ڪنهن به در ٿي نه وڃي سگهندس پس.“

”هي نه سدائين تنهنجو ٿي آهي، پر اڳتي ڇا ٿئي، سو مان نٿي چئي سگهان.“

اچا اڳتي واري ڳالهه خبر ناهي ڪيتري ڊگهي ٿئي ها، جو مستريءَ اچي چيو، ”هاڻي ڇتيون اڪائڻ شروع ٿا ڪن.“

ٻئي مهني ٽوٽلي ڇتيون به لڳي ويئون، دروازا به پٽجي ويا ۽ اسڪول جو مهورت ڪرڻ واري ڏينهن جڏهن اچي اچي پسه تان پردو هٽايو ويو، تڏهن ڏسڻ ۾ آيو لکن اکرن ۾ اڪريل هو ”ڪمل هام اسڪول.“

سڀني مهالدن جي پيڙ جي وچ پرنسيپال مدن ڏائي پاسي ڪان بيٺي هئي. جنهن ڪا ول اچي وڻ سان گلي

ملي ٿئي مدن سان اچي ڪمل ملي ۽ سندس واعدو مان نڪري ويو ”امي!“

-٤-

ڪمل رهندي پلي ٿي هاسٽل ۾ هئي پر سندس شام ۽ سنجها جو سمو پرنسيپال مدن وٽ ٿي صرف ٿيندو هو. ٻنهي ۾ ممتا جو ناتو ٻڌجي ويو هو.

”ڪمل تنهنجو مڱڻو ٿيل آهي؟“ هڪ ڏينهن اوچتو ئي مدن پڇيو.

”مڱڻو......؟“ مان تمام ننڍي هئس، شايد پنجين درجي ۾ هئس جڏهين هڪ ڀيري منهنجي ماءُ پنهنجي هڪ ساهيڙيءَ سان ڳالهين ڪندي منهنجو مڱڻو سندس پٽ سان ڪري ڇڏيو هو........ پر اُنکي مڱڻو ڇئي سگهجي ته......“

”مون وٽ تنهنجي پيءُ جي چٺي آئي آهي.“

”هو ته اُن ڳالهه کي مڱڻو ٿي ٿو چوي ۽ هاڻي.“

”هاڻي شادي ڪرائڻ ٿو چاهي.“

”تو ڪهڙو جواب ڏنو اٿس؟“

”اڃا ته ڪوبه جواب ڪونه ڏنو اٿم. مون وٽ پڻ جواب ئي ڪهڙو آهي جو ڏيان!“

”تو انهيءَ ڇوڪري کي ڇگيءَ طرح ڏٺو آهي؟“

”ها، ڏٺو آهي. مگر ڏسڻ ۾ سڃاڻڻ ۾ گهڻو ئي تفاوت آهي امي.“

”سڃاڻي ته شايد ڪنهن کي به نٿو سگهجي نٿي

کي ڇا خود ڀاڱڪي ۾ مشڪل تو سڃاڻي سگھجي."

"اها نيڪ ڳالھ هوندي، مگر هڪڙي پنھنجي ڳالھ مون کي بلڪل سڄائل تي لڳي."

"مونکي اها ڳالھ معلوم آهي مگر ڪمل......"

"ها، امي."

"اگر تنھنجي گھر ۾ هڪڙو ٽيليفون هجي. ان جو نمبر ڪوبه ڪٿي سمجھ......ھل ٢٧٧٤٦ ڪٿي تا ونون."

"پوءِ؟"

"تون گھر ويٺي پنھنجي ئي نمبر تي ٽيليفون وڄائي ته ڪو آواز ايندو؟"

"انهيءَ نمبر تي ئي؟...... نه ڪوبه آواز ڪين ايندو. آواز ته تڏهن ايندو جڏهن مان ڪو نمبر ملائيندس بس."

"ڪنهن ڌاريي گھر جو نمبر؟"

"ها......! هي جيئون به ان طرح ئي آهي ڪمل... پنھنجي ڪمري ۾ ويھي رڳو پاڻ سان ڳالھيون ڪرڻ ڪو نتيجو ناهي. زندگيءَ جي هن ساگر مان اگر ڪوئي آواز ٻڌڻ به تي ته پنھنجو نه، پر ٻئي ڪنهن جو نمبر ملائڻو پوي ٿو."

"امي!"

"نه نه نه زندگيءَ جو هيءُ ساز جھڙو تهڙو نهيو، تهڙو نه نهيو. هيءُ ساز ٻڌيو ئي ان لاءِ آهي ته ڪنهن جو آواز اسان تائين پهچي سگھي ۽ اسان جو آواز ٻئي ڪنهن تائين وڃي سگھي."

ڪمل ڪنڌ ڪڍي هيٺ ڪيو. جڻ سيني دليلن کي اُلٽائي ڇڏڻ ٿي چاهيائين. وري منهن مٿي ڪري ماءُ طرف ڏسڻ لڳي. هڪڙو دليل سياو يڪ نموني سندس زبان تي اچي ويو، "اَمي توهان ته اُنهيءَ ساز کي ساري عمر ميز تي رکي ڇڏيو... ڪڏهين..."

"هائو..... ڪڏهين به ڪنهن سان نمبر نه ملايم. تڏهين ته چوان ٿي ته اهو سڀ غلط آهي. اهو انساني ڪلا جو نراد ر آهي. مون به ڪڏهين نمبر ملايو ته هو ڪمل! مگر اهو غلط نمبر نڪري پيو ۽ مون جوش ۾ اچي...... اُداس بڻجي انهيءَ ســاز جون سڀ تارون ڪڍي ٽوڙي ڪڍي ڦٽيون ڪيون. مگر اُهو سڀ آهي غلط. اهو انسانيت جو نراد ر آهي..."

"مگر مون کان به ڪڏهين انهيءَ انساني ڪـلا جو قدر نه ٿي سگهيو نه پوءِ؟"

"انهيءَ اگر جي چو واٽي تي گهٽي ئي راهون اچي ٿيون گڏجن ڪمل! ڪي راهون ڪــڏن ۾ وڃــو ڇيهه ڪن، ڪي وري مٿي جبلن تي پهچي وڃن."

"ڪي وري وارياسن ميدانن ڏي وٺيو وڃن جتي ناهي ڪنهن ٻوٽي جي ڇانو نه آهي پاڻي..." ڪمل ڪلڻ لڳي.

"ليڪن جيڪي ماڻهو ساون کيتن ۾ وڃــي پهتا آهــن اهي به هن چو واٽي تان ئي لنگهيا آهن ڪمل! واريءَ جا ميدان به پورن سان اهـا عقوبت نٿا ڪر، جيڪا......"

”خبر آهي توهين ڇاڻا ڇوڻ چاهيو. توهين چوندا، انساني پيرن کي انهيءَ ”اگـــر“ جي ڇوواڻي تي ڪڙو ڪري ڇڏي ڏيڻ انسان سان وڏي بي انصافي آهي.“

”ها! اهائي ڳالهه جا تو خود ٿي ڇڏي ورتي آهي. مـــان ائين ڪين ٿي چوان ته تون ضـــرور انهيءَ ٿي ڇوڪري. ڇا تس نالو؟ پالي؟“

”ها.“

”ته تون پاليءَ سان ٿي شادي ڪر. اهـــو هجي چاهي ڪو بيو هجي، جتي تنهنجي دل چاهي.“

”منهنجي دل ...... منهنجي دل ته سپنن ڪانسواءِ ڪلهين به ڪنهن کي انهيءَ نظر سان نه ڏٺـــو آهي. مون لاءِ ته جهڙو پالي تهڙو بيو ڪو...“

”هي ڏنءِ نه پنهنجي دل! دنيا کـــي ڪليل اکين سان ڏسڻ پئي ٿي ڇڏي ڏئي پر بند اکين ســان سپنن کي ڏسڻ ڇڏي ٿي نٿي ...... سپنا آهـــن ڪاغذن جي نقش وانگر ڪمل! ليڪن انهن کـي اُسرائڻ لاءِ مٽيءَ ۾ ٿي هٿ وجهڻا پون ٿا.“

ڪمل مـــاءُ جون ڳالهيون ٻڌيون ۽ ڪلي پنهنجي نازڪ اُڇين اُڇمن ترين کي ڏسڻ لڳي. ماڻ ڪمل جون ٻئي تريون ڪڍي پنهنجي هٿن ۾ ورتيون. چيائين ”هنن ٿي ميندي لڳندي، هنن تي...“

”ميندي‌ءَ جو رنگ گهڻا ڏينهن هلندو آهي اَمي.“

”ڪمل!“

”مان پلا ڇا ڪريان امي! مونکان پنهنجي ماءُ جا هٿ وسرن ٿي نٿا. سچو ڏينهن ٻهاري ٻائڻ، ڪپڙا ڌوئڻ، باسڻ ملڻ- ۽ ٻيو جڏهن منهنجو پيءُ ڪيس مار ڏيندو هو، تڏهن انهن ئي هٿن سان سچي بدن ٿي سيڪ ڪندي ۽ ڳوڙها اُگهندي ...... ۽ آخر ۾ ... ۽ آخر ۾ ...... آخر ۾ انهن ئي هٿن سان هنجو در ڪٽ ڪائيندي مري ويئي ......“

”ڪمل! فقط انهيءَ ئي جڳهه تي نه رکجي وڃ. اهو نه ’اگر‘ جو جڙ وانو آهي.“

”ها امي ... مونکي اهو ڪو سچو سبق ياد آهي. هي اگر جو چو وانو آهي......هي ٽيليفون نمبر ... ڇگو! مان ٻيو سڀ ڪجهه وساري ڇڏيندس فقط اهو ئي سبق ياد رکنديس ......“

”نه مان تنهنجي پيءُ کي ڇا لکان؟“

”جيڪي توهان کي پسند اچي، سو لکي ڇڏيوس.“

”ڇگو مان اٿين نه ڪانه ٿي چوان ڪمل، لب تون انهيءَ ڇوڪري سان ٿي......“

”جڏهن توهان انهي چوائي تان، مونکي پڇائڻ لاءِ هڪ سپاهي جيان هٿ ۾ ڏنڊو پڪڙيو ئي آهي ته جيڪا راه پهرين پهرين سامهون اچي وڃي......“

ڪمل کلڻ لڳي. ماءُ کي اٿين پٽي لڳو، ڇڻ ڪمل جي کل هڪ بادل آهي، جو اڄ تقدير جي اوچي پهاڙ سان ٽڪرائڻ لاءِ لماو ٿي ويو هو. ماءُ سهجي، ڪمل

ڳانهن نظر ڪئي. ڇڻ ڇڏي رهي هئي، "هاء رام!
ڪٿي هيءَ ڪلُ پاڻي ٻاڻي نه ٿي وڃي."

- ٥ -

ڪاڏي جو وقت پورو ٿي چڪو هو. شام جي ڇانهه جي شروعات ۾ اڃا دير هئي. ڇلهه ۾ ٽانڊو لڳو پيو هو. ڪمل ۽ ٻيون ماسترياڻيون اُن ٽسي سنگ ٻچائي رهيون هيون. اسڪول جي مائي اچي چيو، "دادي توهانجو ڪوئي مهمان آيو آهي." سڀئي ماسترياڻيون مائي طرف ڏسڻ لڳيون، پر هوءَ فقط ڪمل ڏانهن ئي ڏسي رهي هئي. چيائين، "ڪمل داديءَ لاءِ پيو پڇي."

"منهنجو مهمان؟...... منهنجو ڪهڙو مهمان آيو آهي؟..."

"لنهنجو پيءُ هوندو ڪمل،" ٻي ۾ هڪ ماسترياڻيءَ چيو.

"نه هو نه ڪو جوان ڇوڪرو آهي؟" مائي چيو.

"ڳوٺاڻو تو لڳي؟" ڪمل پڇيو.

"نه دادي، شهر جو ٿو لڳي. هٿ ۾ ننڍي ٽنگ اٿس."

"هان وٽ وڃي هي سنگ ڏي پس. ڇڏينس ليسين سنگ ڪائي، ڪمل دادي اچي ٿي." ائين چوندي هڪڙي داديءَ ڇلهه مان هڪڙو سنگ ڪڍي مائيءَ کي ڪٽي ٻڪڙايو ۽ پاڻ سيني ڪان ڪل نڪري وئي.

“ڪير ٻه هجي، ڪيس مهمان-گهر ۾ وٺي وهار. مان اچان ٿي.” ڪمل چيو.

اسڪول ۽ هاسٽل سان گڏ هڪ مهمان-گهر ٻه هو. جيڪي مائٽ ٻارن کي وٺي اسڪول ۾ ڇڏڻ ايندا هئا، تن کي هڪ رات ته ڳوٺ ۾ رهڻو ئي پوندو هو، ڇو ته شام جو واپس وڃڻ لاءِ هنن کا گاڏي هٿ ئي ڪين. اسٽاف جي ڇوڪرين جو به ڪو مائٽ ملڻ ايندو هو ته ڪيس انهيءَ مهمان-گهر ۾ ئي ترسڻو پوندو هو.

“مونسان گڏ جڻ لاءِ ڀلا ڪير ڪهي آيو آهي،” ڪمل پنهنجي سنگ مان چڪ پري ڪٽي ساهيڙيءَ کي ڏنو.

“اڙي ڏنو ويندو سنگ ته ڪاٽي وٺ. ٿورو لوڻ هڻي ڏيانءِ؟” هن ساهيڙي سنگ وري ڪٽي سندس هٿ ۾ ڏنو.

ٿوري دير ڪانپوءِ ڪمل جڏهن مهمان-گهر ۾ آئي، تڏهن ڏٺائين سامهون ستيپال ويٺو هو. “تو هين!” ڪيڏن سالن کان پوءِ ڪمل ستيپال کي ڏٺو هو، مگر ڪيس سڃاڻڻ ۾ ڪيس ڪا به تڪليف ڪانه ٿي. ستيپال ڪو به جواب نه ڏنو. هو فقط ڪمل طرف ئي ڏسي رهيو هو. ان چپ چپات ۾ ڪمل جي مٿان ڪو ئي حق جتائجي رهيو هو. ڪنهن رشتي جو حق. ڪمل کي محسوس ٿيو ته سندس من ۾ هاڻي ڪائي وڙهه

شروع ٿيڻ واري هئي ۽ هوءَ ستيپال ناليءَ واري هن شخص طرف ڪنڌ ورائي ويندي ... الاجي ڇا ڪري وهندي.

۽ ڪمل ستيپال جي منهن ۾ ڏسڻ لڳي. سندس وات مان ڪوبه سخت اکر نه نڪتو. اندر ۾ ڪا به وڙهه ڪانه ٿيس. حيران رهجي ويئي. پنڪڙ نه ته نه سهين ... پنهنجائي ئي سهين. ڪمل پاڻ کي سمجهايو ۽ وري به هڪ ڀيرو اکيون کڻي ستيپال ڏانهن ڏنائين.

ڪمل جي اندر ۾ وري به ڪجهه ڪين ٿيو ۽ سندس زبان مان اکر به ڪين اُڪليو. ڪمل وري به حيران رهجي ويئي. "هن سان به پنهنجائي ٿي محسوس ڪريان، نه ڌاريائي! هي ڪهڙو آهي منهنجو من!" ڪمل پنهنجو پاڻ کي چيو.

"اڇڻ ڪان اڳ مونکي خط لکڻ کپندو هو. ليڪن..." ستيپال چيو.

"گهر جو ڪو نهي......" ڪمل کيس وڌيڪ مونجهاري کان بچائڻ لاءِ چيو، "مان چانهه موڪليان ٿي. ڏاڍو ٿڪل هوندا."

ڪمل چانهه موڪلي. ستيپال چانهه پيتي ۽ اٽڪل ٻن ڪلاڪن تائين آرام ڪيائين. شام جو ڇهين بجي ڪمل وري ستيپال وٽ آئي.

"هي توهان جو اسڪول ڏاڍو سهڻو آهي."

"توهان اندر وارا ڪمرا ڏٺا آهن؟"

”نہ مان اندر نہ ڪمن ويو آهيان پر ٻاهران ئي ظاهر آهي هي سڄو وايو منڊل ... مسافري برابر وڏي هٿي ۽ اسٽيشن کان هيسٽائين پنڌ بہ وڏو هو پر هتي پهچندي ئي درد دور ٿي ويا ...“

”پڙهائڻ ۽ هاسٽل جو بندوبست تمام سٺو آهي. توهين اميءَ سان منهنجو مطلب آهي توهين پرنسيپال کي گڏيا آهيو؟“

”پرنسيپال سان تڏهن گڏ بس جڏهن هتي ڪنهن کي داخل ڪرائڻ ايندس.“ ستيپال کلڻ لڳو.

”نہ ... نہ اسانجي پرنسيپال تمام سٺي آهي.“ ڪمل کي بہ ڪل اچي ويئي.

”سندس اسٽاف سٺو آهي تہ هوءَ بہ ضرور سٺي هوندي.“ ستيپال ساڳئي ئي لهجي ۾ چيو.

”سيني ماستر ياڻين جي توهان کي ايتري ۾ سڃاڻپ ٿي ويئي؟“

”سيني جي تہ نہ، پر هڪ جي ضرور ٿي آهي.“ ستيپال اها ڳالهہ اڳي کان گهڻو وڌ ۽ هڪ پنهنجائيءَ سان چئي.

ڪملا کن لاءِ چپ رهي ۽ پوءِ چوڻ لڳي، ”هلو توهانکي پرنسيپال سان گڏ جايان.“

”هل.“

”هلو.“

پرنسپال جي ڪاٽيج تمام شانت جڳهه تي هئي.
اسڪول هاسٽل وغيره ڪاٽيءَ چڱو ئي پريءَ جو ٽڪر
لڳاتار ٿي پيو. ڏهري ڏهري هلندي ۽ اسڪول جون
۽ موسم جون ننڍيون ننڍيون ڳالهيون ڪندي،
اوچتو ستيپال پڇي ويٺو، "پرنسپال سان موڪي ڇا
ڇٽي ملاقات ڪرائيندينءَ؟"

"ڇا؟" ڪمل ٿورو ڇرڪي.

"مان چوان ٿو توکين ڪيس ڇا چوندينءَ ته هيءَ
منهنجو ڪم لئي؟" ستيپال ذرا شوخ انداز سان چيو.

"توهانجو نالو موڪي ايندو آهي." ڪمل انهيءَ
شوخيءَ جو بلڪل سادو سودو جواب ڏنو.

"۽ بس نالي سان ئي ڪم هلندو؟"
ستيپال سوال کي پورو ٿيڻ نه ڏنو.

"ها." ڪمل فقط ايترو ئي چيو.

"هن کي منهنجي نالي جي اڳواٽ ئي خبر
آهي." ستيپال سوال جو ٽڪرو پاسو وري به پڪڙي
ورتو.

"شايد."

"شايد ڪيئن؟"

ڪمل چپ رهي.

"ته بابا جن خط لکيو هو؟" ستيپال پاڻهي
جواب ڏنو. مگر ڪمل وري به ڪجهه نه ڪڇيو. "ته

هن بابا جن کي ڪو جواب ڪونہ ڏنو هو؟“ ستيپال وري شروع ڪيو پر ڪمل ڪجھہ نہ ڪڇي رڳو ستيپال ڏي وري نگاھہ ڪئي.

”توهان بہ پنھنجي پيءُ کي خط جو جواب نہ ڏنو؟“

”هائي نہ ڪمل کي ڳالهائڻ ۾ ڏاڍو ڏکيو لڳو. ”مونکي ... مونکي جواب ڏيڻو نہ هو پر الاجي ڪيئن دير ٿي ويئي

”هو هتي اچڻو هو.“

”هو! ڇو؟“

”پنھنجي چٺيءَ جو جواب وٺڻ لاءِ، مگر مون جيو مانس لوهيسن نہ ورتو. مان ئي وڃي ٿو چٺيءَ جو جواب وٺي اچان ... ۽ ستيپال هلندي هلندي رڪجي ويو. ڪمل کي ٻہ ٻيهڙو ڏيئي ۽ مرڪي چيائين، ”اهي چٺيون بہ نہ تنهالي پارڪ ۾ ڪٺي ويندو آهي جنھن ۾ سندس قسمت جو فيصلو لکيل هوندو آهي.“

ڪمل ڪنڌ ڪٺي جهڪايو ۽ آهستي چيائين،

”هلو نہ هلون.“

”اون هون.“ ستيپال آهستگيءَ سان ڪمل جو هٿ پڪڙي ورتو، ”پھرين انهيءَ خط جو جواب.“

ڪمل هٿ ڪونہ ڇڏايو پر چيائين، ”تنهالي ڇا رستي ۾ ئي خط پڙهي وٺندا آهن؟“

”ها. جن ختن ۾ سندن قسمت لکيل هوندي آهي.“

ڪمل جو همٿ اڃا ۽ ستيپال جي همٿ ۾ هو. جهڪا حيراني ڪيس صبح جو لي هتي سا لـــي هميشھ سنجها سمي ۽ ٿي. هن ستيپال ڏانهن ڏٺو ۽ ڏٺو ۽ اندر ۾ ڌاريائي محسوس ٿي ۽ پنهنجائي. هن ڪنڌ هيٺ ڪري هلڪو ساهه کنيو.

”ڪمل، تون راضي ناهين؟“ ستيپال هلڪي انڌڪار ۾ ڪمل جو اهو ساهه ڪڻڻ ڏسي ورتو هو.

ڪمل کي پنهنجي اُداسائي اهڙي لفظ جهڙي ٿي جنهن جي معنيٰ جي کيس خبر نه هجي. هو لئي پري مرڪ مشڪل لڳي.

”نه، مان ناراض نه ڪانه آهيان.“

”مان ڄاڻان ٿو، هميشھ منهنجي نوڪري ۾ ايتري سني ڪانهي.“

”اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي.“ ڪمل لڄي ٿي چيو، ”رڳو هيءَ جڳهه مونکي سڃي ٿي لڳي.“ ۽ ڪمل ٻنهي جي اُتانهن پهاڙن طرف ڏسڻ لڳي. ٻوءِ سن جي سڃيءَ اُداسائيءَ کي مشڪل جي ڪـــور ري ۾ وجهي پڪ ڪري ڀمڻ لڳي.

— ۷ —

نيٺ پهاڙي گيتن جي رم جهم ۾ ڪمل ۽ ستيپال

جي شادي تي ويٺي.

پهرين ته اها ڳالهه ته پال جي پيءُ کي منظور هئي، نه ڪمل جي پيءُ کي. سنيپال جي پيءُ وڏي ڄڃ آڻڻ تي چاهي مگر هيڏڙي ڳوٺ ۾ اُنجو مان شان ڪيئن ٿي سگهندو، ۽ ڪمل جي پيءُ جو چوڻ هو ته ماڻهو ڇا چوندا پنهنجو وڏو شاهي گهر ڇڏي، هيڏڙي ننڍڙي ڳوٺ ۾ وڃي ڌيءُ پرڻايائين، ضرور ڪجهه دال ۾ ڪالا هوندو.

مگر ڪمل جي من مان هڪ دک ڀري دانهن اُٿندي هئي ته جيڪر گهر منهنجي ماءُ جو نه ٿي سگهيو الي منهنجي شادي ڪيئن ٿيندي. منهنجي ماءُ ته ري ڪتيءُ مري ويئي. ڪٽيءُ ته هرڪو ٿو مري. جنهن گهر مان منهنجي ماءُ جي ڪائي نڪتي اُتــ مان منهنجي ڏولي نڪرندي؟ جنهن ڏينهن ڪمل جي ماءُ مئي هئي، ان ڏينهن کان وٺي ڪمل کي گهر جي هرڪا سر چيڙ لڳي هئي. ماڻس جو پارهو ٿي مس گذريو هو جو هوءَ گهر ڇڏي اچي هاسٽل ۾ رهڻ لڳي هئي. ڪملا جي من جي دک کي رڳو پرنسيپال ٿي ڄاتو ٿي. انگريز اهيءَ ٿي سندس دک کي سهارو ٿي ڏنو. پال کي گهرائي ڏاڍي پيار سان چيائين، ”ڪمل منهنجي ڪک مان پيدا نه ٿي آهي، مگر هوءَ منهنجي آتما جي ڌيءُ آهي. هي گهر سندس ٿي آهي. منهنجي دل آهي ته ڪمل جي ڏولي منهنجي گهران نڪري. توهان کي

تڪليف ته ضرور ٿيندي مگر توهين ڪنهن طرح هن
مشڪلات کي آسان ڪري ڇڏيو ته ...

پال، ڪمل جي پيءُ چاهـــي پنهنجي ڀيءُ کي
اها ڳالهه مڃائڻ جو ذمو پاڻ تي کڻي ورتــو. وهانءَ ۾
گهڻو عرصو ڪين پيو. ڪمل پٺاڻ ڪوٽ مان وڃي سڀ
ضروري چيزون خـــريد ڪري آئي. پال پنهنجي پـــيءُ
کي مڃائي ورتو ته ڄڃ ۾ فقط ست ماڻهو هوندا. جيڪر
ڏينهن مقرر ڪيو ويو انکان ٻه ٽي ڏينهن اڳ ئي ڪمل
جو پيءُ اتي پهچي ويو.

۽ پهاڙي گيـــتن جي نـــئين رم جهم ۾ ڪمل جو
وهانءُ ٿي گذريو. ليڪن پرنسيمل سان گلي لڳي وڇڙڻ
مهل اٿين لڳو ڄڻ هي وهانءُ نه پر وڇوڙو هو.

گاڏيءَ جو سنگل ... ڪمل جي راهه بدلجي رهي
هئي. ڪمل وري ۾ هڪ پيرو ماءُ جي ڪلهن تي سر
رکيو. ٻنهي اکين ۾ ٻرندي هڪ ٻئي ڏي ڏٺو، ڄڻ
ٻئي هڪ ٻئي جا پورانو هيون.

صبح جو جڏهن ڪمل جي
اک کلي تڏهن هوءَ ڪٽڙ ۾
بستري تان اٿي کڙي ٿي ۽
بيٺي ٿي رهي. وري خود ۾
خود ڪيس ڪل اچي ويئي. ننڊ
۾ هوءَ اهو ڀلجي ويئي هئي
ته گذريل ڏينهن ڀاڻ ڪيڏو
سفر ڪيو هئائين. ايڏو ته لمبو
هو اهو سفر جو ڪيس پنهنجي
ڪمري کان سوين ميل پري
وٺي آيو هو. رات جو ننڊ ۾
هوءَ واپس پنهنجي ڪمري ۾
ويئي هئي ۽ ڀرپاس جو جاڳي
ڏيندي ٿي هوءَ ماءُ جي
ڪاٽيج طرف هلڻ لڳي هئي.
جتي ڪيس چانهه ناهڻي هئي
يا چانهه جو ڪوپ هٿ ۾
جهلي ماءُ کي جاڳائڻو هوس.
ڪمل پنهنجي چوڌاري
ائين نهارڻ لڳي جڻ اها جڳهه
سندس سڃاتل ٿي نه هئي.
۽ هئي به هڪ ڏينهن جي
سڃاتل. ڪلهه ٿي ته هوءَ هر



گھر ۾ اجنبيءَ وانگر آئي هئي، ڪيترين نه زالن ۽ ڪمارين اچي ڪيس لاڏ پيار ڪيو هو جڏهن سندس لاڏ پيار هنجي ڏارئي مکڙي کي چٽي رهيو هو ته هاڻي تون ٻار کي اسان جي حوالي ڪر. ڪنهنجي ننهن، ڪنهنجي ڀاڀي، ڪنهنجي ڀيڻ ٻڻجي وڃ... ڪڏهن سندس رٺو ٻڏي ڪنيو، ڪڏهن سندس منهن پٽي چميو، ڪڏهن سندس هٿ ۾ رپيا پٽي ڀريا ... ۽ ڪمل پنهنجو ٻار کڻي سيني کي ارپڻ ڪيو ڇڏيو...

ماءُ لاءِ ڇانهه جو پيالو ناهڻ لاءِ اُٿيل ڪمل الـٽي ٿي ويٺي رهي. سندس ٻر ۾ وهاڻي وٽ گل پيا هئا. ڪمل انهن ڪومايل گلن جي هڪ مٺ ڀري ۽ اکيون ٻوري ڪانگرا ماڙيءَ جي گلن جو تصور ڪرڻ لڳي. وري هڪ ڏکو ساهه کنيائين. عجيب سڳنڌ هئي... سندس سرير ڏڏي ويو... ڪومايل گلن جي سڳنڌ کهڙي ٿي ٿيو وڃي! ڪمل جي دل ڪهڙي ٿيڻ لڳي ۽ هـمـٿ وارا گل کڻي ٻرهان رکيائين. مگر ٻوءِ نه اها بانس اڃا نه پئي آيس انڪري اٿي دريءَ وٽ وڃي بيٺي. ٻاهرينءَ هوا جو هڪ ٿڌو جهونڪو آيو. پر ڪيس اها بانس اڃا نه پئي آئي. پنهنجا هٿ پنهنجا ڪپڙا سنگهي ڏٺائين. اڃا نه ڪيس اها ڌبوءِ پئي آئي. هن ٻر ۾ سنل ٻال کي ڏٺو ۽ هن جو ڪنڌ جهڪي ويو... جڏهن هن ٻاڻيهي ٻار کي ان بدبوءِ جي حوالي ڪري ڇڏيو هو.

- ٢ -

پال جي ڳوٺ ۾ ڪمل فقط ست ڏينهن رهي. ڇو ته پال جون موڪلون ختم ٿي چڪيون هيون. کيس جلندر ڪاليج ۾ حاضر ٿيڻو هو. هو ڪيترن ئي سالن ائي ليڪچرار هو. جلندر ۾ پال کي ڪاليج جي ويجهو ئي ڪوارٽر مليل هو. ڪمل ايندي ئي هٿن ۽ ٻانهن مان منڊيون ۽ چوڙا لاهي رکيا ۽ سڄو گهر سدواري ڇڏيائين.

”ڳوٺ کان ايندي اسان هڪڙي پل ڪٽي آهي.“ ڪمل چيو، ”جيڪر هي سڀ مٺيا سس کي ڏيئي اچان ها. هتي پيا آهن ته اجايو ڊپ پيو ٿئي.“

”ڪٿي وڃي بئنڪ ۾ رکي اچ.“

”بئنڪ ۾؟ خير ٺيڪ آهي. اها ڳالهه به صحيح آهي. پر مان ڇا لاء وڃان، توهين ئي وڃي رکي اچو.“

”مان!“ پال ڏاڍي حيرانيء سان چيو.

”ڇو؟ توهين ڇو نه؟“ ڪمل کي پال جي هيء حيراني سمجهه ۾ نه آئي.

”اهي تنهنجي صحيح به ڪينديء.“

”منهنجي صحيح؟ منهنجي صحيح ڇو؟“

”تنهنجا ئي ته مٺيا آهن ۽ تون اهي ضرور پنهنجي نالي تي ئي رکڻ چاهيندين؟“

ڪمل پال طرف ڏسندي ئي رهجي ويئي، ”مان پنهنجي نالي مٺيا رکايان؟“

”نه نه رڳو مان ئي ڪري سگهندس.“ پال ذرا ڏرسي چيو.

”نه ان ۾ ڇاهي مونکي پاڻ تڪليف نه ونڻي پوندي. جڏهن ضرورت پوندي لڏهن توهين وٽي ڪٽي اچجو.“ ڪمل ڏيرج سان چيو.

”مونئي ايڏو وشواس!“ پال جو آواز رکو ٿڻجي ويو.

ڪمل وري به پال جي منهن طرف ڏسندي ئي رهجي ويئي، ”ڳالهه ڇاهي پال؟“ ڪيتري دير ڪانپوء ڪمل فقط ايترو ئي چئي سگهي.

پال مرڪي ڏنو. ڪمل کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ پال ان طرح مرڪڻ بدران سندس منهن تي چماٽ به وهائي ڪڍي ها ته به ڪمس گهٽ سور ٿئي ها. انڪان پوء پال ڪمل جي سوال کي هميڏانهن هوڏانهن ڦيرائي ڇڏيو ۽ ڪاليج ڏانهن هلي ويو.

شام جو روز جيان چانهه ڏاهي، ڪمل پال جي اڳيان ٿي ڪمس هڪ پيالو ڏيندي سندس منهن طرف سوال ڀريء نگاهه سان ڏٺو. پال جي منهن ۾ ڪا به ڀاونا ڪانه هٿي. پنهنجي هٿ ۾ چانهه جو پيالو ڪٽندي ڪمل جي اکين ۾ آنسو اچي ويا. ”پال؟“ هوء فقط ايترو ئي چئي سگهي.

”ڇڏ رهڻ ڏي ان ڳالهه کي ڪمل. هر ڪنهن کي پنهنجي شيء جي سنڀال ڪرڻ گهرجي ... تون

سپاهي ٿي ڪنهن ٻئنڪ ۾ وڃي هي سڀ زيور رکي اچان. مونکي ان ڳالهه لاءِ ڪجهه چئو به نه.

"پر ان ۾ ڏيکو منهنجو ڇاهي؟ ۽ توهانجي ڇرڻ جو هي نمونو..." ڪمل جو گلو ڀرجي آيو.

"جڏهن تو ڇڳهه جي ٻاري ۾ ايتري سنڀال ڪئي آهي تڏهن زيورن جي ٻاري ۾ مونتي وشواس رکڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟"

"ڇڳهه جي ٻاري ۾؟" ڪمل پنهنجي همنشين ڇپ کي ڇڪ پاتو. "ڪهڙي ڇڳهه؟"

"اها ئي جيڪا تنهنجي پيءُ تو کي ڏاج ۾ ڏني آهي."

"ان ۾ مون ڪهڙي سنڀال ورتي آهي پال!"

"تو جو اها ڇڳهه پنهنجي نالي ۾ لکائي آهي!"

"مون نه لکائي آهي پال! صحيح ٿي چوان، مون نه لکائي آهي!" ڪمل جي مٿي ۾ سور جي سرت ايري.

"مونکي نه ڪوبه اعتراض ڪرڻ هو مهنجي ماءُ پيءُ ان ڳالهه کي ايسوڪ ٿئي سمجهيو."

"ايسوڪ!..." ڪمل جا ڇپ ڪليا پر آواز پورو نه نڪتو.

"اگر هو ناٺيءَ لاءِ شڀ اڇا رکن ها ته هنجي نالي تي لکائين ها. ڳوناڻا ته ائين ئي سمجهندا آهن. جڏهن ناٺيءَ تي وشواس تي ڪونهي تڏهن ناٺي ڇا چوءِ؟

هن پهرين ني ڏيءُ جي ملڪيت الڳ ڪري ورتي آهي ..."

پال اجا به ڪجهه چيو، مگر ڪمل جي متي ۾ گهمرائي اچي ويئي ۽ هن کي پيو ڪجهه به ٻڌڻ ۾ نه آيو.

"مان بابا کي لکي ٿي ڇڏيان ته منهنجو نالو اُن ٿان ڪاٽي ڇڏي."

"مونکي نه ڪمي ڄڄهه." پال ايترو ته لڪڙ ۾ چيو ڄڻ ڪنهن ڄڄهه خريد ڪرڻ وقت اچي ٻڌايو هجي ته راند جو هن جاءِ ۾ پوڻن جا آواز ايندا آهن ۽ خريدار هٿ ۾ جهلڻ سوٽيءَ جي رقم يڪدم ڪٽي ڪيسي ۾ وڌي هجي. ڪمل کي وري به هڪ پيرو متي ۾ چڪر اچي ويو.

-٣-

ڪمل جا هٿ پير هڪ عجيب سستيءَ ۾ ويڙهجي ويا. گهر ڇڙهي ويس. سندس روزانا سڀ نيم ٽٽي ويا، مگر پوءِ به هڪ ڳالهه ۾ هن پنهنجن انگن کي پنهنجي مرضيءَ کان ٻاهر وڃڻ نه ڏنو. وقت سر صبح جو پال کي چانهه ناهي ڏنائين. پال ڪاليج هليو ويو. هوءَ پوري گهر جي حوالي ٿي ويئي. سنان جاءِ کي صاف ڪرڻ، پاڻ سنان ڪرڻ يا چانهه پيئڻ جي جڳ منجهس چاهنا ئي ڪانه رهي هئي. ماءُ کي چٺي لکڻ لاءِ سندس من ۾ خيال آيو، مگر ان خيال مٿان به هڪ گهر ڇڙهي

ويٺي. سندس سڀ خيال سندس وارن وانگر منجهيل هئا. قطي ته ڄڻ ڪا هٿ ئي نه آيس. هڪ ڀيرو اٿي پنهنجي ڪٻٽ مان ڪجهه ڪتاب ڪڍيائين ته دروازو کڙڪيو. شايد ماءُ جي چانهن آئي هجي. ڪمل نڪتڙ ۾ در کوليو. در کڙڪائڻ واري هڪ ڇوڪري هئي. "شايد ڪا پاڙيسرڻ هوندي." ڪمل سوچيو. آيل ڇوڪريءَ هڪ ڀيرو ڪمل کي ڏٺو ۽ پوءِ کيس لڳو شايد پلجي اندر آئي هئي. ڪوارٽر کان ٻاهر نڪري، وري پٺ تان نظر ڦيرائين ۽ وشواس سان اندر قدم رکندي چيائين، "پروفيسر ستيپال ڪاليج وارو آهي ڇا؟"

"ها."

هوءَ ڇوڪري وري چپ ٿي ويئي. ڪمل جي منهن طرف ڏسي وري سندس ڪپڙن طرف ڏٺائين. سندس پکڙيل منجهيل وارن ڏانهن ڏٺائين. سندس ٻنهي ٻانهن طرف ڏسي چوڻ لڳي، "پروفيسر صاحب جي شادي ٿي ويئي آهي؟"

"ها." ڪمل آهستي چيو. پوءِ کيس محسوس ٿيو ته سندس اڄوڪي صورت انهيءَ "ها" کي لڪائي رهي هئي.

"سندس پتني ڪٿي آهي... مونکي هن سان گڏجڻو آهي." آيل ڇوڪريءَ اهڙيءَ طرح چيو ڄڻ ته هوءَ ڪمل، ٻال جي زال ناهي.

"چڱو." ڪمل ڪيتري دير کان پوءِ فقط ايترو

پڌيءَ لي وشواس ڪر. مونکي پڌاءِ ڪهڙي ڳالهه آهي.
ڇا منهنجي شاديءَ جو ڪو ڏوهه آهي؟"

" توهان جو ڪو به ڏوهه ڪونهي ديدي! ... مون چيو ڏوهه منهنجو ئي آهي ... سنڀال ... سنڀال مون سان شادي ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو..."

" سچ؟" ڪمل کي حيراني وٺي ويئي ڄڻ ته ڪن ڳالهه ڏان کيس ڪو ئي درد دک رسيو هجي، سو عمل نه ٿيو. رڳو هڪ طرح جو آرام محسوس ڪرڻ لڳي. " پوءِ؟..." ڪمل انڌاريءَ وچان پڇيو.

" پوءِ سچو ئي ڏوهه منهنجو آهي، جنهن انهيءَ واعدي لي پنهنجي زندگيءَ جي بازي لڳائي ڇڏي ۽ سڀني سهارن کي ڇڏي ڳوڙهن جو سهارو به ڇڏي ويٺيس."

" جيڪڏهن مونکي خبر هجي ها ..." ڪمل چيو وري ماٺ ٿي ويئي. وري پاڻ ئي پنهنجي ماٺ کي ختم ڪري چوڻ لڳي. " نه پوءِ مان تنهنجي راهه ۾ نه اچان ها."

" نه ديدي! توهان منهنجي راهه ۾ نه آيا. منهن کي خيال آهي ته منهنجي راهه ۾ توهانجو ..." وڌيڪ ڪڇڻ ان ڇوڪريءَ پنهنجا چپ بند ڪري ڇڏيا.

ڪمل جي سوال ڀرين اکين اڳيان، هن پنهنجون ڪنون جهڪائي ڇڏيون ۽ پوءِ جهڪيل اکين سان ٿي چوڻ لڳي، " هو مونکي چوندو هو ته سندس ماءُ ني

ڪنهن خاص جڳهه تي سندس شادي رچائڻ ٿا چاهين پر اها ڇوڪري ضد ۾ نڪرلي آهي ... هو ڪڏهن به اُلي شادي نه ڪرائيندا." وري ان ڇوڪريءَ گهبرائجي ڪمل طرف نهاريو، ڄڻ ڄاڻندي يا اڻڄاڻندي ڪمل جو ايمان ڪري وٺي هئي.

ڪمل ڪيس تسلي ڏيڻ لاءِ سندس وارن ۾ همٿ ڦيرايو، ڄڻ ڇئي رهي هئي، "اهڙيءَ ڪنهن به ڳالهه ڪرڻ سان سندس ايمان نٽي ٿي سگهيو."

" مگر ... توهين نه تمام سنا آهيو ديدي!"

ڇوڪري ايترو نه ٽڪڙ ۾ ڇهو، ڄڻ پنهنجي نه ڇا پر سنڀال جي ڳالهه ڪي به هڪ پل ٿي سمجهيائين.

ڪمل کي ان پل سان ڪو به واسطو نه هو. ڪيس ويچار آيو- " نه پوءِ هنن ڪيس مون سان شادي ڇو ڪرائي؟"

" ان لاءِ جو توهانجو پيءُ توهسان کي ڏاجي ۾ هڪ جڳهه ڏيڻ وارو هو."

" جڳهه؟" ڪمل چپ ٿي وئي. ڪيس محسوس ٿيو هاڻ وڏيڪ پڇڻ لاءِ وٽس ڪجهه رهيو ٿي نه هو.

" ديدي! مونکي معاف ڪجو... جڏهن وقت مان آئي هئس تڏهن وقت مڻهنجي \ من جي حالت ڏاڍي عجيب هئي... شايد ڏاڍي خراب هئي ... مون آپگهات جا خيال پئي ڪيا ... ليڪن مرڻ کان اڳ توهانجو سڪ به لئي وڃان ..." هن ڇوڪريءَ ڪيڏ

ڇهڪائي ڇڏيو، ۽ جڏهن پنهنجن چپن ۾ ٽي چمائين، "مون چڱو نه ڪيو... مون چڱو نه ڪيو... مون چڱو نه ڪيو... توهان کي دک رسائي پلا مون ڇا حاصل ڪيو؟..." ۽ اها ڇوڪري پاڳلن جيان ڪرسيءَ تان اٿي کڙي ٿي.

"تون ڪيس ايترو پيار ٿي ڪرين؟" ڪمل سندس ٻانهن پڪڙي ورتي.

"پيار..." هن اهڙيءَ طرح چيو ڄڻ انهيءَ اکر سان سندس چپن کي جلن ٿي ٿي. وري پاڻ سنڀالي چيائين، "پيار ئي ڪم ٿي مگر جيڪو پيار جو سودو هڪ جڳهه سان ڪرڻ چاهي انکي ڪرئي پيار ڪري سگهي ٿو..."

دکن جي هڪ ٻئي سان مٺاچاري آهي. ڪمل کي اڃا نه انهيءَ ڇوڪريءَ جي زالي جي به خبر ڪانه هئي نه به اٿين پٺي سمجهائين، ڄڻ اها ڇوڪري سندس مائٽياڻي لڳي. ڏاڍي ممتا سان چوڻ لڳس، "تنهنجي جڳهه لي نه مان هجان نه اهڙي ماڻهوءَ لاءِ هڪ ڳوڙهه به نه ڳاريان جيڪو ماڻهو پيار جو سودو وڃي هڪ جاءِ سان ڪري..."

"منهنجي جڳهه تي!...؟" ڇوڪريءَ ائين چيو ڄڻ سندس ڦٽ ڇڪيو. "ڀڳوان ڪري منهنجي جاءِ تي ٿل ڪير نه هجي." پوءِ ڪمل جي منهن ۾ نهاري چيائين "منهنجي نه هاڻ هن دنيا ۾ ڪا به جاءِ

ڪانهي ڏيڏي!"

"چري!" ڪمل جي ڳالهائڻ ۾ هڪ قسم جو قرب ۽ پيار هو. هوءَ ڇوڪريءَ ڏانهن اهڙي طرح ڏسڻ لڳي جهڙيءَ طرح ڪلفيءَ تان رتل ٻار کي ڏسجي.

ڇوڪريءَ وري اهڙي ڏوراپي ڀريءَ نگاهه سان ڏٺو جڻ چئي رهي هئي، "تو نه ڄاتو منهنجو درد، توکي ڪهڙي سڌ ته عورت جا ڏک ڪيئن ٿي اٿس ٿمندا آهن..." ڏيري چيائين، "گناهه مرد به اوترو ئي تو ڪري، جيترو عورت. پر هن دنيا ۾ عورت کي ئي سزا ڀوڳڻي پوي ٿي."

هاڻ شايد ڪمل کي ڇوڪريءَ جي ڏک جو ٿاهه ملي ويو ۽ جنهنڪري ڪجهه نه ڪڇيائين. ڇو ته ڄاتائين ٿي ته اکر ته دکن کي ماپي ئي ڪين سگهندا. ماٺ کي ختم ڪرڻ لاءِ ٻنهي مان شايد هڪ وٽ به ڪي اکر ڪونه بچيا هئا. ان ڪري ڇوڪري خاموشيءَ ۾ ئي موڪلائي وڃڻ لڳي.

"ويندينءَ ڪيڏانهن؟" ڪمل سندس ٻانهن پڪڙي ورتي.

"جيڏانهن آيو ليڏانهن ٿو ويندس..."

"تون پنهنجو هي گهر ڇڏي ڪيڏانهن وينديءَ؟"

"منهنجو گهر...؟ منهنجو ڪهڙو گهر؟"

"هي گهر تنهنجو آهي، تنهنجي ٻالڪ جو آهي." هٿ کان ولي ڪمل ڇوڪريءَ کي ڪرسيءَ

تي وهاري ڇڏيو.
” ديدي!... “
”تنهنجو نالو؟“
” شيل. “
ڪمل جي دل دک سان لبالب هئي. چيائين،
” شيل، تنهنجو حق توکان ڪير به نٿو ڇني سگهي.“
” ديدي!..... “ شيل ڇرڪي ويئي، ” توهان
کان شايد وسري ويو آهي ته ٻال جي شادي توهان
سان ٿي آهي، نه مون سان. “
” مون سان ٻال جي ڪائي شادي ڪانه ٿـي
آهي. اگر ٻال جي شادي ٿي به آهي ته اها هڪ جڳهه
سان ۽ جاءِ ته هڪ بي جان چيز آهي ...“
” نه ديدي ائين ٿي نه سگهندو. هاڻي ڪجهه نه
ٿي سگهندو.“ شيل لڇي ڪرسيءَ تان اٿي کڙي ٿي.
” مان ان لاءِ ڪين آئي هئس. مونکي ڪجهه ڪو نـ
کپي ...“ شيل ڇا جو ڇا چوندي ويئي.
” توکي ڪجهه کپي يا نه، اهو مان نٿي ڄاڻان،
مگر هڪ ٻالڪ کي هڪ گهر ضرور کپي ...“ ڪمـل
فيصلو ڏيئي ڇڏيو.
” جنهن کي جنم کان ئي هيءَ بدنصيبي لڳي،
تنهنجي بدقسمتي ڪڏهن به پوري نه ٿيندي ديدي!“
شيل پنهنجي مٺي کي لڙيءَ سان دٻائڻ لڳـي ۽ چوڻ
لڳي، ” هيءَ منهنجي پـا توهان جي وس ڇي ڳالهه

ناهي ڏيڏي!"

" مونکي به ڏسڻ ڏي نه، ته منهنجو وس ڪيستائين ٿو هلي." ۽ شيل ڏانهن نهاري چيائين " توکي قسم آهي منهنجو ... پنهنجي ڏيڏيءَ جو .. مٿان ٻاهر ويٺي آهين. مان ٿو لاهه چانهه ناهي ٿي اچان."

ڪمل چانهه ناهي ورتي. پاڻ به پيتائين ، شيل کي به پيئاريائين پوءِ ڪوڙا مٺائي چونٽي قطي ڪري ورتائين. ڪيس لڳو هاڻي سڄي سستي غائب ٿي ويٺي هئي. سندس لڱن ۾ نئين ڦڙتي اچي ويئي.

" ليڪن تيندو ڇا، ديوي! "

" ڪجهه چڱائي ٿي ٿيندي. خرابي ڪانه ٿيندي. " ڪمل فقط ايترو ئي چيو.

شيل ڪمل سان ڪيترو يون ئي ننڍيون ننڍيون ڳالهيون ڪندي رهي. ٻئي گڏجي ماني تيار ڪئي. شيل ٻڌايس ته ڪاليج مان موڪل وٺڻ تائين به پال سائنس گڏيو رهيو هو. بار جو شڪ ته انوقت ئي پئجي ويو هوس پر اڄ پال سان ڳالهه ڪانه ڪئي هئائين. آخر ئي چوڻ لڳي، "اوچتو ڏنم ڪوارٽر بند پيو آهي. وري ڪاليج ويس. اُتي خبر ملئم ته پال مهني لاءِ موڪل ورتي آهي. مان منجهي پيس. نه سندس چٺي آئي نه وري سندس ڪا خبر ئي پئي. ڏينهن گذرندا ويا، مهنا چڙهندا ويا. ڪلهه اوچتو ڪنهن اچي ٻڌايو ته پال واپس اچي ويو آهي، ۽ شايد پرڻجي آيو......"

شام جا چار لڳا هوندا جو دروازي تي ڪڙڪو ٿيو.

”ديدي! هاڻي ڇا ٿيندو؟“ شمل گهٻرائجي اچي ڪمل جو هٿ پڪڙيو.

”ڪجهه ڪونه ٿيندو. تون در کول. مان پاسي واري ڪمري ۾ ٿي وڃان.“

”جلدي ڪر. منهنجو قسم اٿيئي.“ ڪمل کيس در ڏانهن ڌڪو ڏيئي ڀر واري ڪمري ۾ هلي ويئي. در کليو. پال جي ٻانهن کي جهٽ ڇڻڪ پڪڙي ورتو هو. ”تون؟...“ پال جي چهري تي ڏپ جي ريکا آئي ۽ وري غصو اچي ويس. شمل جي چهري جو رنگ نه ڦريو. هوءَ فقط بيٺي رهي.

”هوءَ ڪيڏانهن ويئي آهي؟“ نيٺ پال گهٻرائجي پڇيو.

ڪمل شانت، اچل، ڪمري ۾ هلي آئي. هڪ ڳل سندس وارن ۾ پيل هو، ڄڻ ته مرڪ هئس. پال جو سڄو بدن پگهر ۾ شل ٿي ويو.

” مونکي ڏسي حيران ڇو ٿي وئين پال! ڇو مون کي حق ناهي ته پنهنجي ننڍيءَ ڀيڻ جي گهر اچان. شمل منهنجي ننڍي ڀيڻ آهي نه.“

پال نڪو ڪمل ڏي نهاريو، نڪو کيس ڪجهه چيائين. شمل طرف نهاريندي چيائين، ”توکي ڇا ڪو شمل! ڇا لاءِ آئي آهين؟“

شيل ته جواب ئي ڪونه ڏنو. ڪمل چيو، ”هيءَ ته ڪو سوال آهي پال! هوءَ ڪنهن ڌاريءَ جي گهر ته نه آئي آهي. پنهنجي ئي گهر ۾ آئي آهي.“

”مان توکان ٿو پڇان ...“ پال شيل طرف ڏٺو.

”پال، ڪاوڙ مان ڪو به فائدو نه ٿيندو. هوءَ پنهنجي گهر ۾ آئي آهي ۽ پنهنجي گهر ۾ ئي رهندي.“

”ڪير ٿو چوي هي هنجو گهر آهي؟“

”مان ٿي چوان ... شيل ٿي چوي ۽ پال ... جيڪڏهن توهانجي دل ۾ ڪا سچائي آهي ته اها به ائين ٿي چوي.“ ۽ وري ڪمل شيل کي چيو، ”وڃ اندران وڃي چانهه ڪٺي اچ.“ شيل ٽڪڙي ان ڪمري مان هلي ويئي.

”لون ٿي بڌاءِ ته شيل ڪيڏانهن ويندي؟“

”پنهنجي ماءُ جي گهر ويندي.“ چئي پال هارائي ڪري سڀ ٻارا اڇلي ڇڏيا.

”پنهنجي ماءُ پيءُ جي گهر وڃڻ جو هر ڪنهن کي حق آهي نه؟“ ڪمل چئي هڪ ٻارو هٿ ۾ ڪٺي ورلو هو.

پال کي ڪمل جي ڳالهه جو انڌ منڌ سمجهه ۾ نه آيو. پوءِ به چيائين، ”ماءُ پيءُ جي گهر وڃڻ جو ڪنهن نه حق هوندو؟“

”نه توهان جو ٻار به توهانجي گهر آيو آهي - شيل توهانجي ٻالڪ کي ڪٺي آئي آهي ...“ پال جو چهرو اينرو پيلو ٿي ويو، جهڙي پيلي شايد هيڊ به نه هجي.

سنجها جي وقت
جڏهن پکي گهر ڏي پيا
موٽندا آهن تڏهين سندن
پرن ۾ هڪ قسم جي
لڪ هوندي آهي، ڪمل
جي پيرن ۾ به عجيب
اهڙي ئي لڪ هئي.
گاڏي ڍيري پٽي هلي،
ڪمل جو من ان کان
تکو ٿي هليو. اسٽيشن
تي لهڻ کانپوءِ ٻه ميل
ڪچو رستو هو. ڪمل
ڪچي رستي جي طرف
ڏاڍو عجب مان نهارڻ
لڳي. انجي پوري رنگ
۾ اڄ ڪيس گلابي رنگ
جي رنگيني ۾ نظر اچي
رهي هئي. ڪيس لڳو،
مٽي ۾ ساڻس ملي
ڏاڍو خوش ٿي آهي.

"امي ته اسڪول ۾
هوندي." ڪمل سوچيو،



# انوادڪا طوفان ۽ لفظ

ست سال کن ٿيا، ته سياري جا ڏينهن هئا دهليءَ ۾ ايشيا جي ليکڪن جي پهرين ڪانفرنس سڏائي وئي هئي. يورپ آفريڪا وغيره جا به ليکڪ آيل هئا. هن ڪانفرنس ۾ شامل ٿيڻ جو سنڌ ليکڪن لاءِ پهريون ئي موقعو هو. اهڙي ميڙاڪي وچ چونڊهين جو چنڊ ڏسڻ جو موقعو مليو ۽ اهو چنڊ هئا اسانجي امرتا پريتم. سندس سونهن پرشن کي ته موهه ئي پر استرين کي به اکين ڇڪين ڪري ڇڏيو. سندس ڪوتا ٻڌي دل ڀري پئي. چيائين، "گيت لکندي ته رهان، گيت لکندي ئي رهان، الله ته انسان مجبور ته رهي. منهن جا گيت آهن دک ڀريا ۽ دک ڀريا گيت ا لاءِ پئي لکان جيئن وري نه ڪنهن کي درد ڀرياگيت ڳائڻا پون.

هن شاعرا جي هر رچنا دردسان ڀري ته ٿمتا رهونديءَ آهي، جنهنکي پڙهندي ٻارڙ پلائي ٿو وبهجي ۽ ٻٽجي وجهي ان درد جو حصيدار.

سندس جيون مان به ته اهو ئي درد پيو ليا ڪا پائي. پنهنجي جيون ڪهاڻي

بدنصيبي ... اها اسانجي من ۾ پيل ڪلپنا ڪـــڏهن به حقيقت جي ڪسوٽي تي سگهي."

" امي، اڄ مون طرف ڏسي توکي ڪهڙو ٿو لڳي؟"

" مونکي سنو ئي ٿو لڳي، ڪجهه به خراب نٿو لڳي."

" سچ پڇ سنو به نه آهي." ۽ ڪمل پاڻيءَ سان کيلڻ لڳي.

" توکي جذبات الاهي عطا ٿيل آهي. پـال تنهن جي جذبات جي سطح تائين نه به پهچي سگهي مگـــر توڻ جي ان ڳالهه جي چنتا ئي ڇڏي ڏين يا پهچجـي عطا ٿيل ذات مان ڪي ڪجهه هٿڻ جي به 'پلڪ ۾ وجهي ڇڏيـن ..."

" اهو ئي نه ڪري آئي آهيان امي ... هن جو پڙ بلڪل ئي هلڪو هو ۽ ٻئي پڙ ۾ هو انصاف ـ تمـام ڳورو ... ۽ مون سنڪس پڙ ۾ گهٽو ئي ڪجهه وجهـي ڇڏيو ۽ انصاف جي ميزان ۾ آڻي ڇڏيو مانس."

ماءُ گهٻرائجي ويئي، "ڇا ڪري آئي آهين ڪمل؟"

" ڪجهه به نـه. گهٻرائڻ جهڙي ڪائي ڳالـــهه ڪانهي. شيل هڪ ڇوڪري هئي، جنهن سان پال جو پيار هو ۽ شيل به ڪمس اهڙو پيار ڪندي هئي جهـڙو مون ڪڏهن نه ڪيو هو مانس ..."

سرد رات ۾ به ماءُ جي نراڙي پگهر جي ويـئي،

ٿي چيو.

”توهين؟“ هوءَ ڇوڪري ڪمل جي منهن ۾ نسندي ٿي رهجي ويئي.

”ها.“ ڪمل هڪڙي ڪرسي ان ڇوڪريءَ طرف وڌائي ۽ پاڻ ٻي ڪرسي کڻي اٿين ويهي رهي جڻ هاڻي ڪانئس وڌ هڪ وقت ٻهڻ پڳو ٿي لڳي. هن ڇوڪريءَ جي مک تي هڪ پيرو پيلاڻ اچي ويئي. وري سائي ٿي ويئي.

”طبيعت ٺيڪ نه اٿيئي؟...“ هن پيري ڪمل جو آواز اڳي وانگر قربل نه هو... ۽ ڪمل حيران پريشان ٿي ويئي. هوءَ ڇوڪري ٻئي ٽريون منهن تي رکي اچي رڻ ۾ ڇٽڪي. ڪمل ۽ اهڙا ڇوڪري هڪ ئي عمر جون ٿي لڳيون. شايد سال هوءَ ڪانئس ننڍي هجي. مگر ڪمل اٿي نسدس منهن اٿين اگهڻ لڳسي، جڻ ڪنهن ٻار کي پچڪاري رهي هئي. هوءَ ڪرسيءَ تي ويٺي هئي. ڇوڪريءَ ويٺي ٿي پنهنجو مٿو ڪمل ٻانهن تي اٿين کڻي رکيو جڻ سندس جهول ۾ پنهنجي ساري دل اوتڻ پئي چاهيائين.

”توهانجو ڪوبه ڏوهه ڪونهي ديدي!... ڏوهه منهنجو ئي آهي.“ ۽ هوءَ ڇوڪري اٿين چپ ٿي ويئي جڻ سندس سڀ ڳوڙها ختم ٿي ويا هجن.

”تو مونکي ديدي سڏيو آهي نه؟... پوءِ هڪ ننڍيءَ ڀيڻ وانگر منهنجو چوڻ کڻي مڃ. پنهنجي

ڪاليج جو در بند هو. هوءَ ڪاليج جي پٺئين دروازي کان هلي وئي. رنڌڻي جو دروازو فقط ٻيڪڙيل هو. ڪمل هٿ واري ننڍڙي بئگ هڪ طرف رکي، هٿ منهن ڌوئي، پنهنجي لاءِ چانهه ناهي پي ورتي. ڇاريءَ جي ڪٻٽ ۾ ڏنائين ته مربو ۽ زيتون رکيا آهن. اڄ ڪمل کي الاهي بک هئي. سڀ کائي پي اٿي. رنڌڻي ۽ ڪمري جي وچ واري دري کوليائين. کيس خبر هئي ته انهي ٽائيم ٻئي طرف پوري ته پوندي آهي. پرنسيپال انکي رڳو زور سان ٻيري ڇڏيندي هئي. ڪمل الهيءَ دريءَ کان ٽپي اندر هلي وئي، جيئن ڪو ننڍڙو ٻار اسڪول مان ڀڄي آيو هجي ۽ ماڻهي ڪري وڃي ماءُ جي بستري ۾ سوڙ وجهي سمهي پيئي ۽ ڪن دروازي طرف هئس. ماءُ جي اسڪول مان موٽي اچڻ جو وقت ٿي چڪو هو. ٻاهرين دروازي جي کڙڪ جو آواز آيو. هن سوڙ ڪڍي منهن بس ائين ئي ڪي ڇڏيو جڻ اسڪول کان ڀڳل ٻار ٻيءَ جي مار جي ڊپ کان ڊڄندو هجي.

”جي آئي آهي ته وئي ڪيڏانهن.“ ماءُ جو آواز هو.

”مونکي ڪهڙي خبر مان ته رستي تان پئي ويس، جو اسٽيشن ماستر چيو ته اڄ ٻمهرن جو ڪمل ڏيڏي اچي لٿي آهي. ٿي سگهي ٿو اسٽيشن ماستر کان چوڪ ٿي هجي.

ڪمل آواز سڃاڻي ورتو هو. هيءَ ماءُ جو آواز هو. ڪمل ڪان ڪِل ڇنڪي ويئي ۽ سوڙ سان ڪٽي واسه کي دٻايائين. مگر ماءُ کي ڪل جو رستو معلوم ٿي ويو.

"هي ڏس ..." ماءُ ٻڪي ڪت وٽ آئي.

ڪمل سوڙ ڪٽي اُٿي ۽ ماءُ جي ڇاتيءَ سان چنبڙي پئي. "در ته بند هو، تون اندر ڪيئن آئين؟"

ڪمل دريءَ طرف اشارو ڪيو ۽ کلي پيئي.

"شيطان!" ماءُ ڪت تي ويهي رهي. ڪمل پنهنجو منهن ڪٽي سندس گود ۾ لڪايو، جڏهن ماءُ جي ڪين ۾ نهارڻ کان ٻني ٿي.

"ڪجهه کاڌو پيتو به اٿيئي ڪين نه؟" ماءُ سندس وارن کي پيار سان سهلائڻ لڳي.

"ٻلروٽي، مربو، زيتون ۽ چانهه ..." ماءُ جي گود ۾ ليٽيئي ٿي ڪمل چيو.

"پال به آيو آهي؟"

"نه."

"ڪجهه ڏيهن نه ٽڪندين نه؟"

ڪمل ڪنڌ جي لوڏ سان "ها" ڪئي.

"مون ڏانهن نه نهار." ڪمل جو مٿو مٿي ڪري ءُ چيو ۽ ڏنائين سندس چهري ۾ ڪا به اداسائي ڪانه هئي. لسڪمن سان هڏجو مٿو ڪٽي وهاڻي تي رکيائين ٻگهو ساهه ڪٽي چوڻ لڳي، "مون کي نه ڏيهن راس

لنهنجي چپنا ... اکين اڳيان لنهنجي ٿي شڪل ...
مون ته سمجهو هو مونلاءِ هن دنيا ۾ ڪو به جهنجهٽ
ڪونهي ... پر ..." ۽ ماءُ ڪمل جي منهن طرف ڏسي
وري پنهنجي من جي جهنجهٽ طرف ڏسڻ لڳي.
" جيتري نه اهو جهنجهٽ چٽڻ جو ڪونهي."
راس جو ڪمل، ماءُ لاءِ ڪاڏو ناهيو ۽ ڪاڏو ناهڻ
واري چندوءَ کي هن ٻاهرين نڏين وڏن ڪمن ۾ لڳائي
ڇڏيو هو. رانڌٽي ۾ ماءُ لاءِ موڙو رکيائين. پهرئين ڳڻي
واس ۾ وجهندي ماءُ چيو، " لدهنجي هٿ جي ماني...
ڪيترن ڏينهن ڪانپوءِ نصيب ٿي آهي ..." ۽ ماءُ جي
اکين ۾ پاڻي اچي ويو.
" منهنجي پندرهن ڏينهن جي غير حاضري ..."
" مونکي ته اهي پندرهن ڏينهن اهڙا لڳا، جهڙا
پندرهن سال."
" امي مان رسوئي سني ٿي ڪريان؟"
" پر انهيءَ روٽيءَ جو رس ته انهيءَ کي ملندو
جيڪو سڄي عمر لدهنجي هٿن جي پڪل روٽي
کائيندو."
" جيڪڏهن منهنجي ماءُ انهيءَ کي رس ٿي
سمجهي ته اهو انکي ئي ملڻ کپي."
ماءُ جي هٿ مان ڳٽي ڪري پيئي.
" مان نه ڇرچو ويٺي ڪريان..." ڪمل هڪڙي
گرم گرم ماني ماءُ جي ٿالهيءَ ۾ رکي. ماءُ کي ڪاراٽي

ڪمل ٻاڻ ٻه ڪاڏو.

”اڄ چانڊوڪي رات آهي! ٻاهر هلندا...... نديءَ طرف؟“

”مون نہ سمجهو تون ٿڪل هونديءَ......“

”تو رو وقت هلون نہ!“ ڪمل ايڏي نہ لاڏ مان چيو، جو مسماۃ سمجهيو، ڪمل سچ پچ تمام خوش آهي.

نديءَ جي ڪناري پهچي، ڪمل ٻهرين ماءُ لاءِ هڪ وڏو پٿر ڳولي آئي ۽ ويهي ٻئي پٿر تي پاڻ ويهي رهي.

”ڪمل مونکي تو لاءِ ڏاڍو ڏک ٿيندو هو......

اڄ توکي ڏسي مونکي ڪجهه شانتي ملي آهي.“

”پلا امي! توکي ڪهڙو ڏک لڳندو هو.“ ڪمل هونءَ نہ ماءُ کي ”توهان“ ڪري چوندي هئي، مگر ڪڏهن اڪيلائيءَ ۾ پيار ۾ اچي ”تون“ بہ چئي وهندي هئي.

”مونکي اهو ڏک لڳندو هو تہ......“ ماءُ وهندڙ پاڻيءَ مان هڪڙو ٽڪر پٿر جو ورتو ۽ ٻي آڱرين ڪولي پاڻي وهائي ڇڏيو، ۽ چوڻ لڳس، ”تو ۽ مون جهڙا ماڻهو فقط ڪلپنا کي ئي پيار ڪندا آهن. ڪلپنا جيتري چاهه اوتري سهڻي ٿي سگهندي آهي ۽ پوءِ اسين حقيقت کي بہ ڪلپنا جي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ شروع ڪري ٿا ڇڏيون...... اهو ئي اسانجو ڀاڳ بہ آهي تہ

” تون ڇا ڪري آئي آهين؟“

” انصاف ڪري آئي آهيان، ٻيو ڇا؟“

” جي اها ڳالهه هئي ته پال توسان شادي ڇو ڪئي؟“ ماءُ جي دل ٺهڪڻ لڳي.

” امي هي ته انين آهي جو ڇنڇي ته جي ڪيس شيل سان پيار هو ته موتسان شادي ڇو ڪيائين ... انهن ڳالهين جو ڪو جواب آهي ئي ڪونه. ڪنهن وقت ته انهو جواب ڪونهي. هاڻي سوال تي اٿيو ته مون سان هن جو رڳو ڪنهن رسم رواج جو ٻڌل هو ۽ شيل سان پار جو ٻڌل هو. هاڻي تون ئي ٻڌاءِ امي رسم رواج وڏيڪ ڪمن هڪ پالڪ ...“

ماءُ جي مٿي ۾ گهمراٽي اچي ويئي. هن ان ڳالهه جو ڪو به جواب ڪونه ڏنو، فقط پڇيائين، ” ليڪن ٻڌاءِ ته ڪري ڇا آئي آهين؟“

” ڪجهه به نه امي، ڪجهه به نه ... شيل ڪي پالڪ هو، مگر اهو هڪ رسم رواج جو محتاج هو. بس اها رسم مون ڪمس وني ڏني.“

” مگر ڪنهن جي رسم؟ ڪنهنجي شاديءَ جي رسم؟“

” اها ٽٽي ويئي.“ ڪمل هٿ سان انهن ڪيو ڇڻ هڪ ڏاڍو ٽوڙيو هٽائين ۽ ڪلڻ لڳي.

” هيءَ ڪلڻ جي ڳالهه ناهي ڪمل. اهي رسمون انترو جلدي ڪمن ٽٽنديون آهن.“

”دنيا جي عدالت کي مان نٿي ڄاڻان پر مون جي عدالت ۾ اها ٿيي وئي.“

”۽ شيل؟“

”شيل پڻ سوچيو ته هنلاءِ فقط هڪ ئي راهه هئي ته هوءَ مري وڃي. ليڪن مون سوچيو، هنلاءِ ٻي به هڪ راهه آهي، جيئڻ جي راهه!“ ڪمل ٿورو ساهه کڻي چيو، ”ڪم ذرا ڏکيو هو، مگر ٿي ويو، پورو ٿي ويو.“

ماءُ آهستي چيو، ”مگر ايترو جلد ڪيئن هڪڙي شادي ختم ٿي وئي ۽ ڪيئن ٻي جڙي وئي؟“

”ختم ته هڪ منٽ ۾ ٿي وئي.“ ڪمل هٿ سان چٽڪي وڄائي جڻ وهانءَ نه هڪ بجلي هئڻ دٻايو هٽائين ۽ چوڻ لڳي، ”هن ٻئي ڪم لاءِ ٿي ٿوري دير لڳي وئي... پوءِ ته پال جو غصو اهڙو جو هٿ ٿي نه پيو اچي پوءِ ته مون شيل جي ماءُ پيءُ کي ڪوٺايو. انهن ويچارن کي ته ڪا خبر ئي ڪانه هئي. ويٺا روئڻ. ڪڏهن پيا چون، اسين پنهنجي ڌيءُ کي ماري وجهنداسين، ڪڏهن پيا چون پال کي خون ڪنداسين. پوءِ ته پال به سچي ويو. سندس غصو سڄو خبر ناهي ڪيڏانهن اڏامي ويو. بس رات رات ۾ برهمڻ گهرايم ۽ شادي ٿي وئي.“

”۽ تون...“ ماءُ کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو، جڻ جنهن پٿر ٿي ويني هئي سو مٽيءَ جي ڍوڙهي وانگر ڀرڻ شروع ٿي ويو هو.

”شيل، منهنجن ٻارن لي ڪري پيئي. چوي پيئي، ديدي مان تنهنجي داسي بڻجي رهنديس، مگر تون مونکي ڇڏي نه وڃ. شيل جا ماءُ پيءُ ته ويچارا ڏاڍو پيا روئن. مونکي پيا چون، تو اسانجي ڌيءُ جي جان بچائي آهي. اڄ کان تون ٻه اسانجي ڌيءُ آهين. ٻئي گڏجي رهو. اسين شيل جي جيپ ڪٽي ڇڏينداسين، جيڪڏهن ڪيس توسان گڏ ڳالهائيندو ته توسين ...“

نديءَ جو پاڻي ٿڌو هو ۽ ماءُ جا آنسو گرم هئا، مگر وهي ٻئي گڏ رهيا هئا.

- ٣ -

ڪمل جي دنيا فقط ٻه ميل ڊگهي هئي. جنهن ۾ هڪ اسڪول هو، جنهن ۾ هڪ سو ٽيهه ٻار هئا. چاليهه منٽ ٻارن جي هڪڙي مهاڙاڪي ۾، چاليهه منٽ ٻئي مهاڙاڪي ۾ هوندي هئي. انطرح سندس پنج ڪلاڪ گذري ويندا هئا. انهن ٻن ميلن جي ايراضيءَ ۾ اٽڪل پنجاهه ڪن پهاڙي گهر هئا، جنجون ڪئين ڄالون پيدا ۽ ٻار ڪمل جي اچڻ جو انتظار ڪندا رهندا هئا. ڪن ڄالن سان گڏجي جانور چرئيندي هئي، انهن جي لڪڙن ڪي اس ۾ سڪائيندي هئي، ڪنهنجي چرخي لي ست ڪتي ونندي هئي، ڪنهنکي اکٽ اٽلا سيکاريندي هئي. پيدا ڪمل جي هٿان دوا دارون حاصل ڪندا هئا، ڪنهنللم ڪير پيئي کوسو ڪندي، ڪنهنکي

صونهن ۽ جاڙ جون ٽڪريون ناهي پيئي ڏيندي. ننڍيون وڏيون دوائون وغيره کٽي وڃي سيني ۾ ورهائي ايندي هئي. بارن کي وري آکاڻيون ٻڌائيندي هئي. هو سندس راهه وينا ڏسندا هئا.

کمل کي هتي سڀ ٻه ٽيئي وارو نظر ٿي آيو، چنڊ ٻه کڏهن شان سان چڙهندو معلوم ٿي ٿيو. هتي ماءُ جي ممتا ٻه هئي. هتي ڪتابن جون ڍريون هيون جي دنيا جي هرهڪ ڳالهه ڪليون ٿي. کمل کڏهن هڪ دريءَ ۾ ٿي ويٺي کڏهن ٻيءَ دريءَ ۾ ۽ کيس کلي هوا ملي ٿي ويئي.

هڪ ڏينهن کمل هڪ وڏي ڪوتا پڙهي- "ديس نيڪالي". ڪوي ماڻهن جو روپ ٻڌجي، سندن دک سک ورنن ڪري ٿو. ليڪن حڪومت کي ڪويءَ جي هيءَ حماقت پسند نه آئي ۽ هن ڪويءَ کي ديس نيڪالي ڏيئي ڇڏي. ڪوي اڳيان اڳيان وڌندو ٿي رهيو ۽ وقت واڄا سندس پنيان پنيان هو. ماڻهن جن ڪويءَ کي کڏهن ڏٺو ٻه ڪين هو، تن ڪويءَ لاءِ پنهنجن گهرن جا دروازا کولي ڇڏيا. کمل کي لڳو، هوءَ ٻه انهيءَ ڪويءَ وانگر هئي، پنهنجي ديس، کان پنهنجي گهر کان، نيڪالي مليل استري. ڪويءَ پڇيو ٿيا، هي ڪير آهن جيڪي منهنجن گيتن کي پڪيندا ڦرن ٿا. ليڪن کمل وٽ گيت ڪين هئا، ماءُ کيس، عام ماڻهن وانگر آسرو ڏنو هو.

- ۴ -

منجهند اچي پوري ٿي هئي. ڪمل پنهنجي سڪول کان فارغ ٿي ماءُ جي ڪاٽيج ڏانهن وڃي رهي هئي. ٻاهرين ۾ ڪيءَ سڙڪ تي هڪ اسٽيشن جو ڪولي ڏنائين. انهيءَ ڪمل کي چيو، ”ديدي! اسٽيشن ماستر هيءَ چٺي ڏني آهي.“ ڪمل چٺي پڙهي. پرنسيپال جي نالي هئي. لکيل هو - ”سمپش تمام سنو اخباري خاطو آهي، منهنجي ساٿس گهڻي ڏينهن ويندي آهي. ڪولو گهاٽيءَ ڏانهن وڃي رهيو هو، رستي ۾ اوچتو ئي بيمار ٿي پيو آهي. هو مسافري ڪرڻ جي لائق نه هو. مون هتي ئي کيس اسٽيشن تي لاهي ڇڏيو آهي، هنکي ڊاڪٽر جي مدد جيتري جلد ٿي سگهي اوترو جلد ڏيندا. مهرباني.“

اسڪول جي ڊاڪٽر مٿان جيتوڻيڪ اسڪولي ٻارن جي ئي ذميواري هئي ته به وقت بي وقت هن ڳوٺ وارا به کانئس دوا سٽي وٺڻ هليا ايندا هئا. ڊاڪٽر پنهنجي ڪوارٽر ۾ هڪ ڪمرو ٻاهرين مريضن لاءِ ناهي ڇڏيو هو. پيءَ طرح کيس ٻاهرين مريضن لاءِ پرنسيپال کان موڪل نه وٺڻي ٿي پوندي هئي.

ڪمل چٺي پڙهي ۽ هٿ گاڏيءَ ۾ پيل مريض کي ڏٺو. سمپش ٽيهن ٻٽيهن سالن جو ٿي لڳو. سندس منهن تي سور جون ريکائون به نمايان هيون ته سور کي سهڻ جي مرڪ به نمايان هئي. هن جا وار بکري سندس هيءَ چمڪندڙ پيشانيءَ تي پکڙجي رهيا

هئا. منهن لٿل هوس. وڏيون وڏيون اکيون سور سبب سُسل هيس مگر سندن چمڪ انهن جو انهن قائم هئي. هن سڪل چپن لي چپ ڦيرائي.

”لپ ...“ ڪمل آهستي پڇيو. مزورن ڏولي هيٺ رکي ڇڏي هئي.

”منهنجو پير ... ٿورا ڏينهن ٿيا جو ان ۾ هڪ ڪوڪو چڀي ويو هو. اچڻ وقت ڪو گهڻو سور ڪونه هو، ليڪن پهچندي پهچندي سور وڌي ويو. مونکي ٻرتي ڪرسي پورڻ ڪهندو هو. مان نهنديءَ پٽي واريءَ گاڏيءَ ۾ ويهي رهيس. هاڻي ته سوڄ به وڌي ويئي آهي؛ شايد لپ به اچي ٿيو آهي. هُن اسٽيشن جو ماسٽر منهن جو سنڀال نڪري پيو. انهيءَ اڳتي وڃڻ ٿي ڏنو. هتي ڊاڪٽر ... شايد مونکي ”پس“ ٿي ...“

”سامهون ٿي ته ڊاڪٽر آهي.“ ڪمل چيو؛ مزورن کي چيائين ڏولي کڻي هلو.

ٽئين ڏينهن تائين سمپش جو لپ گهٽجي ويو. پر جي سوڄ اچا گهٽي ڪانه هئي. ٻهريان به ڏينهن ته ڊاڪٽر کي به دپ هو ته هي زهر وڌي ٽنگ ۾ نه پهچي وڃي، مگر ٽئين ڏينهن کيس پڪ ٿي ويئي ته هاڻي ڪو به خطرو ڪونه هو. اسمرت سان هٿ ڏوڻي سمپش کي چيائين، ”توهان پنهنجي ڪوٽ ۾ ڊاڪٽر جي صلاح ورتو ها ته سٺو ٿئي ها. اڳتي سفر ڪري، توهان جان جوکي وجهي ڇڏي هئي.“

”نيڪ آهي اها جان جوکي ۾ وجهڻ هڪ طرح سٺي نڪتي.“ ۽ سميش اکين ۾ الاجي ڇا ڀري ڪمل ڏي نهاريو. ڪمل جي مک تي لالي ڦهلجي ويئي. هُوءَ ۾ پيٽل ماءُ به مرڪي ڏنو.

-۵-

رات ۾ سمهڻ کان اڳ يا گهمڻ مهل ماءُ ڪي ڪنهن نه ڪنهن ڪتاب مان ڪجهه سٽون پڙهي ٻڌائيندي هئي. اڄ ڪمل ڪنهن ڪتاب جي ڳالهه نه ڪئي. ماءُ هڪ ڀيرو پڇيو، وري ٻيهر پڇيو ته ڪمل چيو، ”اڄ مون وٽ هڪڙي فرينچ ناچڻيءَ جو ناول پڙهيو. پنهنجي لياقت ۽ سونهن سبب هوءَ سڄي يورپ تي ڇانيل هئي.“ ڪمل اوچتو ماءُ طرف ڏٺو، پوءِ چيو، ”ڇا محبت جي پيرن هيٺان ”سبب“ جي ڪا زمين نه هوندي آهي؟...“ وري ماءُ وٽان ڪو جواب ملي انجو ڪو خيال نه ڪري چوندي رهي، ”بي انداز دولت ۽ بيحد طاقت هنجي هڪڙي ئي اشاري سان اچي ڪني ٿيندي هئي. ڪيس هڪ رستي ويندڙ ماڻهو ڏايو وڻي ويو. هنکي پئسن جي ضرورت نه هئي ڪا نه، مگر هن ڪيس ڏاڍي وڏي خرچ واريون فرمائشون وڌيون، جڏهن هو شهر ڇڏي هليو ويو. هونءَ نه چوندي هئي، هو ٻلي ڪيڏانهن به هليو وڃي، ۾ جي ڪنهن ٻيءَ ڳال سان ڪيس ڳالهائيندو ته سندي هئي نه اصل پاڳل ٿي ويندي هئي. انکي گلڙيون ڏيڻ به شروع ڪري ڇڏيندي هئي ۽ زمين تي ليٽي روئڻ

لڳندي هئي. هڪڙي ڏينهن هوءَ کيس چوڻ لڳي، ”مان سڄي عمر فقط هڪ ئي ڳالهه کان پئي ڊڄي آهيان ته شل ڪڏهن به ڪنهنکي پيار نه ڪريان. ڇو ته اها محبت انسان کي رڳو ڏک ئي ڏئي ٿي ۽ مان ٻارن کي ڏک کان بچائڻ ٿي چاهيان...“ ڪمل آڪاڻيءَ کي اڌ ئي ڇڏي ڏنو.

ماءُ چيو ته ڪجهه ڪونه، نڪي ڪي ڪجهه پڇيائين. رڳو ڪمل جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي ڏاڍو زور ڪٽي ڏنائين.

– ٦ –

سميش جو ٽپ صفا لهي ويو هو. پير جي سوڄ به گهٽجي وئي هئس. سو هاڻي ڊاڪٽر کان بستري تي وڃي ئي هڪ به ڪلاڪ ڪم ڪري وٺڻ جي موڪل گهريائين. چيائين، ”مونکي ڪلو گهاٽيءَ تي ليک لکڻو هو. انهن جي ريتن رسمن، لوڪ گيتن، لوڪ ناچن وغيره تي...“ ۽ سميش پيٽ تي ٽنگيل پنهنجي ڪئميرا طرف ڏسندي چيو، ”مونکي خبر ناهي اڳتي سفر ڪرڻ لاءِ مونکي ڪيترا ڏينهن انتظار ڪرڻو پوندو. مونکي سرڪار جي ڪم جا ڪي ڪتاب آهن – ترجمو ڪرڻا آهن. هڪ ٻه ڪلاڪ ئي ڪم ڪريان ته...“

”ڏينهن ٻه اچا ٽرس. وهڻ سان پير تي بار پوندو.“

سميش ليٽئي پڙهڻ جي لاءِ ٿورا ڪتاب پرنسيپال کان گهريا.

” توهين پلي روز هڪ ڪتاب پورو ڪريو... هن وٽ چار ڪتاب اٿو.“ پرنسيپال ڪمل ڏانهن هٿ ڪڍي چيو.

پوءِ ته ٻه چار ڏينهن پرنسيپال ۽ ڪمل سميش جو حال احوال پڇي ايندا هئا. پوءِ ٻه ٽي ڏينهن ڪمل سميش جي ڪمري ۾ ايندي سنڪوچ ڪرڻ لڳي. ڪڏهن ڪوئي ڪم ڪڍي وهندي، ڪڏهن ڪو ٻهانو ناهي ونندي ۽ پوءِ پرنسيپال اڪيلي هلي ايندي هئي.

” فرينچ آڪاڊمي جو ٿئو گيان مهنجي ڪمل چڱيءَ طرح سمجهڻ لڳي آهي شايد...“ اڄ پرنسيپال ڪلي ائين چيو هو. مگر ڪمل ان ڪان انڪار ڪيو ۽ ان جو ثبوت ڏيڻ لاءِ، هوءَ پرنسيپال سان گڏجي، سميش جي خبر چار لهڻ هلي آئي هئي.

” ها جيڪي ڪتاب توهانکي پسند اچن سي مان موڪلي تي ڏيانو.“ ڪمل سميش کي چيو ۽ پوءِ ڪيترن ئي ڪتابن جا نالا ڇپائين، جي انهن کين هئا.

ٻئي ڏينهن ۽ وري ٻئي ڏينهن سميش انهن سڀن کي ڏاڍو غور سان پڙهيو، جن تي ڪمل نشان ڪري ڇڏيو هو. نشان وارا ٽڪرا هئا...

” هو پنهنجي لنڊن جي سفر تان جيڪي ڪٺي آيو هو، سو هڪ سبق هو، هڪ گهاءُ...“

” مان توکي مزو ڏيان ٿي مگر خوشي نه... جا ڳالهه خراب آهي...“

” هنکي ائين محسوس ٿيو جڻ هوءَ سندس زندگي

مان هميشھ لاءِ هلي ويئي آهي. هنکي ڪاوڙ ڪانہ ٿي لڳي، نڪي أداسائي مگر کيس محسوس ٿي ٿي تڪاوت ... جڳن جي ٿڪاوت. کيس ائين لڳو، سندس اندر ڪي ڪجھ مري ويو هو ۽ اها مرڻ واري شيءِ شايد سندس جواني هئي."

"هي دک ڏيڻ واريون يادگيريون، جيڪي اسين ساري ڄمار کنيو پيا ڦرون، مگر انهن جي ڳالھ نٿا ڪريون ..."

"محبت اهڙي گل ڇيان آهي جنهن جي مٿين حصي ۾ مناڻ ۽ هيٺئين حصي ۾ ڪڙاڻ آهي..."

"محبت هڪ معصوم، نردوش عجيب، هڪ پاڳلپڻ ؟"

"هر گذرندڙ ڏينهن منجهان هوءَ ڳيان جون پـ بوندون نچوڙي ڪڍندو هو."

"سر ڀر جي مشين هلندي رهي ٿي. دل دک دک ڪري ٿي، ڦڦڙ هوا ڇڪين ٿا، نهن ٻوار وڌندا رهن ٿا ... سڀ ڪجھ لڏهن ۾ ٿيندو رهي ٿو. جڏهن اسين اندر ئي اندر مري چڪا آهيون ..."

سميش جي هٿ مان ڪتاب ڪري پيو. کيس ائين لڳو، هن ڪمل کي پڙهي ورتو هو- سمجهو نہ ٿو ته "ڪي" نہ پڙهيو هئائين.

تنهن ڏينهن ڊاڪٽر سان ڳالهيون ڪندي سميش ڪمل بابت گهڻو ڪجھ جاڻي ورتو ...

"هيءَ ڇوڪري ڪمل ڏاڍي گنڀير ۽ سياڻي ٿي ڏسجي." سميش ميز تي پيل ڪتابن ڏي اشارو ڪري ڊاڪٽر کي چيو. "برابر ڏاڍي سياڻي ۽ سٺي آهي."

"مگر اها سياڻپ ـ ۽ سنائي ..." سميش ذرا ٿرسي وري چيو، "منهنجو خيال آهي ته ڪا به سنائي ۽ سياڻپ گهڻن ڏکن سهڻ کانسواءِ نٿي اچي."

ڊاڪٽر سميش کي ڪمل جي شاديءَ ۽ پنهنجي هٿ سان سٽيپال جي ٻيءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪـرائڻ واري ڳالهه ٻڌائي چيو، "هـــيءَ سندس بهادري ...... عجيب بهادري آهي!..."

سميش ٻڌندو رهيو. پوءِ ڪـس لڳو-سڄي جيڪـا سماجڪ بناوت آهي، سا سڏيءَ لڪڙيءَ وانگر آهي ۽ ڪمل انکي ڇلي ڪٽي پنهنجي مرضـــيءَ وارو قانون ٺاهي ورتو آهي.

ڊاڪٽر سميش کي ٿوري دير لاءِ دالان منجهه اُسر ۾ وهڻ لاءِ ڇڏي هليو ويو.

سميش پينسل ۽ پنو کنيو ۽ هڪ ننڍڙو خط لکيائين فقط هي ـ سماجڪ بناوت جي ســـڏيءَ لڪڙيءَ مان پنهنجي من انوسار قانون گهڙڻ واري ڳالهه ۽ ٻي به هڪ سٽ ـ انهيءَ بهادريءَ کي منهنجو سلام.

نوڪر هٿان سميش ڪمل کي ڪتاب واپس موڪليا ۽ نوڪر کي چيائين، هو پيا به ڪتاب کڻي اچي.

رات جو سميش جو پير سڄي ويو. هنکي خبر هئي

ته غلطي سندس ئي هئي. ٻنپهرن جو ورانڊي ۾ ويٺو هو، تڏهن باغيچي ۾ وڃي ڪيڏي دير پنڌ ڪرڻ لڳو. انوقت پيرن ۾ فقط هلڪو چمپل پيل هوس ۽ زمين آلي هئي. سو ٿڌ سندس پير کي وڃي لڳي هئي. ڊاڪٽر جي ڪاوڙ کي ته هن ڪنهن طرح ٺڏو ڪري ڇڏيو مگر کيس پير جي چنتا سان گڏ هڪ ٻي به چنتا گهيري ويئي. ترجمي ڪرڻ جي چنتا. هاڻي ته بستري تي واهي ترجمو ڪرڻ جو ڪم به نه ڪري سگهندو.

"اگر توهين مونکي ڪنهن طرح مدد ڪريو..." هن صبح جو پرنسيپال کي منٿ ڪئي، "مان جيڪر چوندو وڃان؟ ڪمل مونوٽ ويهي لکندو وڃي."

پرنسيپال ڪمل ۽ ٻين ماسترياڻين کي چيو ته هو واري وٽيءَ سان سندس مدد ڪنديون ڪن. جڏهن سميش جي چوڻ ۽ ڪمل جي لکڻ جو وارو ايندو هو، تڏهن هو ڪم کانسواءِ ٻلي ڪجهه نه ڳالهائيندا هئا، پر ٻمار مک تي لالي ضرور اچي ويندي هئي...

– ٧ –

ڪمل اڃا قلم ئي مس پڪڙيو هو ۽ سميش ڪنهن اڪر لاءِ ڊڪشنري ڪولي هئي جو ايتري ته تکي هوا لڳي جو ائين پئي لڳو ته طوفان اچڻ وارو آهي. سميش جي سرير تي فقط هڪ چادر هئي. ڪمل سندس پيرن کي گرم رکڻ لاءِ مٿس هڪ لوئي کڻي وڌي ۽ هوا کان بچڻ لاءِ ڪليل دروازو بند ڪري ڇڏيائين. هوا تيزيءَ سان

طوفان ۾ بدلجندي پئي ويئي. ڏينهن ختم نه ٿيو هو، پر ڏينهن جو سڄو پرڪاش مئرو ٿي ويو هو ڪمري ۾ بتي پئي ٻري.

ڏايو زور زور سان مينهن وسڻ لڳو. اسوءَ جي مهني ۾ به جسڻ پوهه ٿـي نظر آيو. ڪمل سميش جي ٻنگ مان سندس سئيٽر ڪڍي ورتو.

"اڃي هڪڙو ٻيو به سئيٽر پيو اٿيئي جو ڍگهين ٻانهن وارو آهي ڪاري رنگ جو اٿيئي."

ڪمل اهو سئيٽر به ڪڍي ڏنس. سميش ڪيس واپس ڏيندي چيو، "هي ٿون ئي ڪٽي پاءِ."

"مان...... نه ڙي مون کي ضرورت ئي ڪانهي."

دريءَ ڪان ايندڙ هوا سياٿو ٿي وڌو. سميش ڇالو ٿي نه ڪمل ڪوڙ ٿي ڳالهائي. سندس ٻانهون ٿـڌ ۾ ڪاريون ٿي ويئون هيون. سميش ٻانهن ڍگهي ڪري ميز تان سئيٽر کڻو ۽ ڪمل ڏانهن وڌائي چيائين، "هـان هي پاءِ نه نه وري مان پيرن تان لوئي لاهي ڇڏيندس، پلي مونکي ٿڌ لڳي."

سميش جي انهيءَ ڌمڪيءَ ٿي خود سميش کي به کل اچي ويئي ۽ ڪمل به کلي. سئيٽر وٺي ڪٽي پاٿي ڇڏيائين. تيز هوا سبب بتيءَ جي لاٽ ٿپ ٿپ پئي ڪئي ۽ دريءَ مان پاٽيءَ جو هڪڙو وسڪارو به هليو آيو. ڪمل جا وار ڍهي ويا ۽ بتي وسامي ويئي. ڪمل ڍڪي وڃي دري بند ڪئي. ڪمري ۾ ڇڳي اوڙده لڳي.

ويٺي. سميش وهاڻي هينان سگريٽ دڪاڻ لاءِ رکيل ماچيس کولهي ورتو ۽ هڪڙي تيلي باريائين. ڪمل هٿ وڌائي وهاڻي هينان ماچيس ڪڍي ٻتي ٻاري ورتي ۽ چپ چاپ وڃي ڪرسيءَ تي ويٺي. پنو ڪڍي ڇپائين،

”لکا يو.“

سميش جواب ئي ڪونه ڏنو. ڪمل ڏانهس ڏسڻ لڳي. سميش کي نه ڄڻ ڪتاب نظرئي نٿي آيو فقط ڪمل جو مکڙو ئي مکڙو پئي نظر آيس.

هي ماڻهو اڀ ظاهري شانت هو، مگر اندر ڪو وڏو طوفان پيدا ٿي ڏنو، ڪا سخت بارش پيدا ٿي نظر آئي.

”ڪمل“ سميش جا چپ ڏڪڻ لڳا.

اهو آواز ڪمل جي ساري سريز کي ڇهي ويو. ان ڪري ڪمل پنهنجو ڌيان هيٺ ئي رکيو. سميش ڏي اکيون نه کڻيائين، ڇو ته سمجهيائين پئي سندس اکين مان سندس انهيءَ ڇهاءَ جي ثابتي ملي ويندي. ”ڪمل غلطي هڪ پرش جي هئي مگر تون سزا ساري ڄـرش جاليءَ کي ڏيندين ڇا؟“ سميش ٻهرين ئي پيرو ”تون“ چئي ڳالهايو هو.

”منهنجي ڀـراي جي اگر ڪائي سزا آهي ته اها مونکي ئي ملي رهي آهي. ٻئي ڪنهنکي نه.“ ڪمل آهستي چيو.

”نه مونکي ڇو ٿو محسوس ٿئي ته اها سزا مونکي

پيئي ملي." سمينش ٽڪڙو چيو.

ڪمل وٽ انهيءَ ڏکئي سوال جو جواب نه هو
ڪو ن. دروازو کڙڪيو. ڪمل اُٿي در کوليو. ڊاڪٽر جي
اچڻ سبب ڪمل جواب ڏيڻ کان بچي ويئي. سوال اُتي
جو اُتي بيٺو رهيو.

"ٻاهر سخت طوفان پيو لڳي،" ڊاڪٽر چيو. هو
ٽڏهن چوليءَ پاڻيءَ ۾ شل هو.

سمينش جي چپن تي هلڪي مرڪ ڦهلي. هن
هڪ پيرو ڪمل طرف نهاريو. ڪمل محسوس ڪيو، هن
جي اندر ۾ هڪ طوفان هو، جو اکين جي کليل درين
منجهان ٻاهر پئي آيو ۽ آيو پئي ڪمل جي ڪمري ۾،
ڪمل جي من ۾. ڪمل ٽڏهن چوليءَ ڏکي ويئي.

"مان ڪپڙا مٽائي وٺان. ڊاڪٽر ڪمل طرف ڏٺو
۽ چيائين، "تون تو ري تڪليف وٺي، ڪافي ٺاهسي
ڏي."

"اڇها پنجن منٽن ۾......" چوندي ڪمل رنڌڻي
ڏانهن هلي ويئي.

— ٨ —

صبح جو چانهه جو ڪوپ ماءُ کي ڏيندي، ڪمل
ماءُ جي هنڌ ۾ ويهي رهي. ماءُ چانهه پيئي خالي ڪوپ
وڇاڻيءَ ميز تي ڪٽي رکيائين ۽ ڪمل جو مٿو وهاڻي
تان کڻائين نه ڏسي، وهاڻو سڄو ڳوڙهن سان پُسي
پيو آهي.

"ڪمل...!" ماءُ ڀرين سندس اکيون پنهنجي رومال سان اگهيون ۽ ٻوءِ سوال ٻيري سندس منهن ۾ نهارڻ لڳي.

"مونکي ڏاڍو ڀؤ ٿو ٿئي، امي ڏاڍو ڀؤ ٿو ٿئي نه" ڪمل وري منهن وهاڻي ۾ هڻي ڇڏيو.

"سميش ڪجهه چيو اٿئي ڇا؟" ماءُ ڪمل سان گڏ بستري تي سمهي پيئي.

"ٻاهران نه امي ڪير به ڪجهه چئي ٿي نٿو سگهي. مونکي جڏهن به ڀؤ لڳندو آهي، تڏهن اندر کان ٿي لڳندو آهي....." ڪمل ڊگهو ساهه کنيو ۽ چوڻ لڳي، "مون نه سمجهو هو نه منهنجي اندر ۾ هاڻي ڪي ڪينهي، ڪنهن به مرد لاءِ ڪي ڪينهي، پر پنهن جي اندر جو به پتو نٿو پئجي سگهي."

"سميش کي پال واريءَ جڳهه جي خبر آهي؟" ماءُ ذرا ترسي پڇيو.

"ها خبر اٿس شايد ڊاڪٽر کان ٻڌي اٿس."

"ڪجهه چيائين؟"

"هن مون کي هڪ چٺي لکي هئي جنهن ۾ لکيو هئائين- سماج جي روايت هڪ سڌي اڻ گهڙيل ڪاٺ جيان هئي تو ان کي ڪاريگر وانگر ڇلي گهڙي پنهنجي نموني جو قانون جوڙي ورتو آهي. تنهنجي ان دليري کي منهنجو پرڻام.

"خط نه ڏاڍو سهڻو آهي پر....." ماءُ ماٺ ٿي

ويٺي. وري چوڻ لڳي، ”ٻري ڪان پر ٽام ڪرڻ سولو آهي مگر انهن مشڪلاتن ۾ ساٿ ڏيڻ ٻي ڳالهه آهي.“ ماءُ وري چپ ٿي ويٺي. ذرا ترسي چوڻ لڳي، ”قاعدي موجب توکي ٻال ڪان طلاق به نه ڪونه مليو آهي.“

ڪمل نڪي شاديءَ جي ڳالهه سوچي هئي نڪي طلاق جي. هن نه صرف پنهنجي من ۾ قولهه پٺي وڌي. چوڻ لڳي، ”ڪلهه هن مونکي پنهنجو سٽيٽر پائڻ لاءِ ڏنو. رات جو سمهڻ مهل مان اهو سٽيٽر لاهڻ لڳس پر اهو سٽيٽر مونکان لاهڻ ٿي نه پڳو. مان سڄي رات اهو پائي سمهي رهيس. اڄ صبح جو مون اهو ڪنهن هٿان ڪٽي واپس موڪليو پر......“ ڪمل چپ ٿي ويٺي.

ماءُ هن جي نه چمل ڳالهه به ٻڌي ورتي نه، ”پر مونکي ائين پيو لڳي جڻ اهو سٽيٽر اڃا به پنهنجي جيءَ تي پيو آهي.“

ٿوري وقت ڪان پوءِ ڪمل ماءُ جي هنڌ تان اٿي. تيار ٿيڻ ۽ اسڪول وڃڻ جو وقت ٿي ويو هو. ٻاهر روڊ تي بيهي ڪمل چوطرف نهاريو ”ٽيڪسيءَ“ جو رستو ڏسڻ ۾ نه ٿي آيو. مگر انجي ڦيٿن جو آواز سندس ڪنن ۾ پهچي چڪو هو.

- ٩ -

ڪمل پنهنجي ڪمري ۾ ويٺي، ڪبٽ کولي پنهن جي اسڪول جا ڪپڙا ڪڍيائين ۽ سنان جام ڏي هلي ويٺي. اڃا ڦٽي تي ويٺي ڏنائين جو در کڙڪيو. جنهن

نوڪر هٿان سميش جو سٽيٽر موڪليو هئائين ۽ اهو ئي نوڪر سميش جو خط کڻي آيو هو. نوڪر هليو ويو. ڪمل خط پڙهيو. لکيل هو: ”منهنجي سيڪڇهه،

ڪالهه ڪان اڃي ته هي ئ سٽيٽر رواجي سٽيٽر هو، اڄ ڪان مون لاءِ پوتر بڻجي ويو آهي. مان نه ان کي ڌوئيندس نه پائيندس، انهي ۾ تنهنجي خوشبو آهي، احسان آهي. اهو سنڀالي رکندس.

مان جو تنهنجو ڪير به ناهيان.“

ڪمل کي لڳو اهو خط نه هو، هڪڙي ڪولا هئي. انادي پرش جي انادي ناري ءَ لاءِ لکيل ڪوتا... ۽ کيس محسوس ٿيڻ لڳو، سندس هرچيز انکي ار پيڻ ٿيندي ٿي وڃي، جنهن لکيو هو، ”مان جو تنهنجو ڪجهه به ناهيان.“

- ١٠ -

هي برساتي موسم، سميش جي پير لاءِ سٺي نه هئي. ڪنهن ڏينهن سوڄ ٿي پوندي هئي، ڪنهن ڏينهن سور وڌي ويندو هوس. ڊاڪٽر صالح ڏنس ته هو واپس هليو وڃي. خشڪ هنڌ تي سندس پير پنهنجو پاڻ ٺيڪ ٿي ويندو. رستي لاءِ ڪي دوائون به ڏيئي ڇڏيائينس.

ڪمل سميش جا ٽڙيل پکڙيل ڪپڙا ميڙي بئگ ۾ وجهڻ لڳي.

”بس هليو وڃان؟“ ڪمل جي پٺيان بيٺل سميش سندس ڪلهي تي هٿ رکيو. ڪمل ڇرڪي ويئي. سميش جو هٿ آهستي ڪري پنهنجي ڪلهي تان

لاهي ڇڏيائين. سامهون بيٺل ڪمل کي سميش هڪ ڪن لاءِ ڏٺو ۽ پوءِ ڇڪي ڇاتيءَ سان لڳائي ڇڏيائينس.

”نه سميش نه...“ اهي به اکر ڪمل جي چپن تي آيا ۽ اتي ئي اٽڪي رهجي ويا جڏهن ته ڳوڙها ڪنهن پلڪن ۾ اچڻ ۽ اٽڪي رهجي ويهن.

سميش ڍلي ٿي هليو ويو. مگر ڪيس محسوس ٿيڻ لڳو سندس گهڻو ڪجهه پنهنجو ڪمل وٽ ئي رهجي ويو هو. ڪمل به اتي ئي رهي، پر ڪيس ائين لڳو ته سندس گهڻو ڪجهه سميش سان گڏ هليو ويو هو.

جيئن مدي جي بخار مان اٿڻ کان پوءِ ڪوئي شخص زمين تي هلندو هجي ۽ سمجهندو هجي ته سندس پيرن هيٺان زمين اڏي رهي آهي ٺيڪ ان طرح ئي ڪمل کي محسوس ٿيندو هو جڏهن هوءَ اسڪول ۾ ڏي پيٽي ويندي هئي يا شام جو ڀيڻ جي ڇڙهاڻ لي پئي ڇڙهندي هئي يا رات جو ماءُ وٽ ويهي ڪوئي ڪتاب پيٽي پڙهندي هئي. اڄڪلهه ڪيئن ڪمل جي حالت به مدي مان اٿيل ماڻهوءَ جهڙي ئي پئي هئي. جولهن ڏينهن سميش جي چٺي آئي. مان هتي ڍلي ٿي پهچي ويو آهيان، مگر پنهنجو نور اتي ڇڏي ويو آهيان تو وٽ ڪمل! ۽ هاڻ مونکي هتي ڪجهه ڏسڻ ۾ ئي نٿو اچي. نور جو هڪ شعاع مون ڏي موڪلي ڏي نه.

ڪمل کلڻ چاهيو، مگر کلي نه سگهي، روئڻ چاهيائين پر روئي نه سگهي، لکيائين ”سميش،

بدقسمتيءَ کي منهنجون ڪرائڻ جي عادت جا آهي...“

ڪمل جواب ڏنو - ”منهنجا وشواس، نصيب جو سر جڏهن هڪ ڀيرو ڦٽجي پوندو آهي، تڏهن ان جا ڦٽ چاهي مٽجي به وڃن ته به انهن جو نشان ڪڏهن به مٽجي نه سگهندو آهي. منهنجن ڀيرن لئي به گذريءَ جي ڪارنهن لڳل آهي. هنن ڀيرن سان پلا مان ڪهڙي راهه تي هلي سگهندس؟“

سميش جو خط آيو - ”اگر تون منهنجي دنيا ۾ نئي اچي سگهين نه، مونکي ئي پنهنجي دنيا ۾ اچڻ جي موڪل ڏي. ڪهڙو به رستو هوندو مان هليو ايندس. مونکي فقط سڏ ڪر، ڪمل.“

سڏ ڪمل جي گلي تائين پهچي، اٽڪي پيو. ڪمل خط لکيو - ”منهنجي منزل، مان توکي ڪهڙي حق سان سڏي سگهان ٿي! دنيا جي قانون مون وٽ ڪو حق ئي نه ڇڏيو آهي.“

ورندڙ ٽپال ۾ ئي سميش وراڻيو- ”ڪمل، مونکي پنهنجي جيون جي ڪاغذ تي قانون جي ڪائي مهر نه کپي، مونکي دل گهرجي، قانون جو ٺپو نه.“

دل ته اڳيئي ڪمل جي هٿن مان نڪري چڪي هئي. ڪمل سيمئي چنبون ماءُ کي پڙهائيندي هئي. هيءَ چٺي به هن کي پڙهايائين. اڃا ڪمل ان جو جواب ئي ڪونه ڏنو هو، جو سميش جي چٺي آئي ته سندس پيءُ جي تڪليف ڏاڍي وڌي ويئي آهي. هو اڪيلو

ڪٽ لئي پيو آهي. ماءُ کي ڪوناڻي سگهو ٿي، پر نه ڪونائيو هئائين ۽ پيو لکيو هئائين - ”مونکي سڌ آهي ته تون مونوٽ نه ايندين، مان هن تڪليف ۾ ٿي مسافري ڪري وڃندس. مونکي موڪل ڏي مان تو وٽ هليو اچان. هن دڪ ۾ فقط تنهنجو ئي ساٿ گهرجم.“

ڪمل کي روئڻ اچي ويو. سڄو ڏيرج انهن آنسن ۾ وهي هليو. ماءُ کان پڇيائين ۽ پوءِ سميش کي تار ڪيائين - ”مان اچان ٿي.“

ماءُ کي ته وڃڻو ئي هو پر اسٽاف جون سڀ ڇوڪريون به ڪمل کي اسٽيشن تي ڇڏڻ ويئون.

”پير جو ڀهانو سنو ڪڍيائين توکي ڪوناڻڻ لاءِ.“

هڪڙيءَ ڇوڪريءَ ڪمل جي ٻانهن ۾ چهنڊڙي پاتي.

”پري وڃڻ ماڻهوءَ ڪمئن نه اسانجي ڳوٺ ۾ ڏاڍو هنيو آهي.“ ٻي کلڻ لڳي.

گاڏيءَ ۾ چڙهندي هڪڙيءَ ڇوڪريءَ ڪمل کي ڪيترا ئي گلاب جا گل ڏنا. جڏهن ئي گاڏي هلڻ شروع ٿي، تڏهن ئي ماءُ کي روئڻ اچي ويو.

دهلي اسٽيشن تي
ٽرين پهتي ته ڪمل
دروازي وٽ اچي بيٺي.
ڪنهن سڏيس، "ڪمل!"
"سميش!" ڀرڀرسان
ڪمل جي اکين اڏامي
اچي سميش جي منهن
کي ڏٺو، پوءِ هن جي
پٺيءَ ٻڌل ٻيو ۽ هٿ ۾
جهليل اکڙيءَ طرف
ڏنائين. "توکي اسٽيشن
تي نه اچڻ کپندو هو.
مان پاڻيهي گهر اچان
ها. گهر ۾ ٿي نه اچڻو
هو."
"مون چيو، متان
توکي ڀلڻو پوي،"
سميش زور سان ڪمل
جو هٿ جهليو ۽ چيائين،
"ڪڏهن نه من چيو تي،
تون ضرور ايندينءَ ۽
ڪڏهن پئي سمجهيم ته
تون ڪانه ايندينءَ."



”پوءِ تہ تنھنجي اڌ دل ڪوڙي اڌ دل سچي
آ.“ ڪمل کلي ڏنو ۽ چيائين، ”هي ءِ لڪڙي ڪڻڻ ڇو
شروع ڪئي اٿيئي؟“

”جئن ان کي ڏسي، توکي ديا اچي وڃي ۽
پنهنجي کلهي جو سهارو ڏيئي ڇڏين.“ سميش کلڻ
لڳو.

”هان وڃ، ڇهل، کلهو.“ ڪمل اچا ۽ ويجهو
هلي آئي ۽ چوڻ لڳي، ”هن سهاري جي فقط ايترو
وقت ضرورت اٿيئي نہ جيترو وقت پير ٺيڪ ناهي؟“

”رڳو پير ئي نہ دل بہ ٺيڪ ناهي. پير تہ ٺيڪ
ٿي ويندو، مگر دل کي نہ ڇاق ٿيڻو ئي ناهي.“
ڳالھہ اجا پوري ئي ڪانہ ٿي هئي جو ٻئي اچي کل
۾ ڇڙڪيا.

— ٢ —

جڳھہ ڪافي وڏي هئي، پر سميش وٽ فقط
هڪ ئي ڪمرو هو. جاءِ سميش جي هڪڙي دوست
جي هئي. ٿورا مهينا اڳ سندس دوست جي هتان بدلي
ٿي ويئي هئي. وڃڻ وقت هو سميش جي ڪمري کان سواءِ
باقي سڀ جاءِ بند ڪري ويو هو. رنڌڻي ۽ سنان جاءِ
جي ڪنجي بہ هو سميش کي ڏيئي ويو هو.

”مريض کي ڪا تمام سخت بيماري ٿي نظر
اچي،“ ڪمل ڪمري ۾ گهڙندي، ميز تي رکيل گلن
دي ڏسي چيو.

”ڇھڙو آھي ڊاڪٽر سھڻو، لھڙي آھي بيماري سھڻي.“ ۽ سميش انھيءَ گلدستي مان ھڪڙو سھڻو گل ڪڍي ڪمل جي وارن ۾ اٽڪائي ڇڏيو.

”منھنجي اگر ڪا شادي ٿيڻي ھجي تہ اھا اڄ ٿي ٿي وڃي،“ چوندي سميش گلن سان گڏ رکيل منڊي ڪڍي ڪمل جي آڱر ۾ پائي ڇڏي.

”سچ سميش!“ ڪمل چيو ۽ سميش جي ڇاتيءَ تي ڪڍي پنھنجو ڪنڌ رکيائين.

ڪمل ڀھر ياتين سميش جي پيرن تي دوا لڳائي. گوريون وغيره تہ سميش وٺي ڇڏيندو ھو مگر پير تي مھڻ واري دوا لڳائڻ سندس وس جي ڳالھ نہ ھئي. پوءِ ڪمل وھي رنڊڻي ۾ روئي ناھي.

”مونکي تہ ھي سڀ ھڪڙو سپنو پيو لڳي.“ سميش ڳتي ڪڍندي چيو.

خبر ناھي ڀاھہ جي گرماش سبب يا ڪھڙيءَ گرماش سبب ڪمل جو چھرو گل جيان ڳاڙھو ٿي لڳو.

رات جو ڪمل ماءُ کي چئي لڪي، ”چڪلو ھو ٿي ڪونہ، مون ھڪ پليٽ کي اونڌو ڪري مٿس ماني ڪڍي ويئي. ھڪ بہ ماني گول ڪانہ ويلجي سگھي. پر پوءِ بہ ھڪ پورنتا جو احساس آھي. اھڙو احساس حياتيءَ ۾ پھريون ڀيرو ٿيو آھي. سياڻي جي مونکي سڌ ڪانھي. مگر اڄ ائين پيئي سوچيان، ڪڏھن ڪانہ پڇتائيندس.“

پنڌرهن ويهن ڏينهن اندر سميش جو پير ٺيڪ ٿي ويو. ننڍا ننڍا ٻار ڪمل جي زندگيءَ ۾ چمڪڻ لڳا.

”پهرين ته سرڪار کان ڪوئي ڪم وٺڻ ئي مشڪل ڳالهه آهي. مگر ڪنهن طرح ڪم وٺي به سگهجي ۽ ڪم ڪري به ڏجي، ته پوءِ وري پئسا ڪيرائڻ ان کان به وڌيڪ مشڪل ڳالهه آهي. روز وڃڻو آفيسن جا چڪر ڪاٽ. پوءِ به ننڍا ننڍا ڪلارڪ به ائين سمجهندا، ڄڻ پئسا پنهنجي کيسي مان ٿا ڪڍي ڏين.“ سميش هڪ ڏينهن ٻاهران موٽي اچي چيو. هڪ ته بيماريءَ ۾ ڪيترا ڏينهن اجايا ويا هئس ۽ پيو وري رهيل پئسن وٺڻ لاءِ چڪر ڪاٽيا هئائين.

”فڪر ئي نه ڪريو اڄ مون وٽ خرچ لاءِ خوب پئسا آهن......“ ڪمل سميش جي اداسائي هٽائڻ لاءِ چيو، ”ضرورت پيئي ته مان به ڪٿي نوڪري ڪنديس.“ ۽ ميز تي رکيل منٻيءَ ڏي اشارو ڪندي چيائين، ”هيءَ ڏس.“

سامهون ڪمل ۽ سميش جو فوٽو ٽنگيو پيو هو، جو اجها ٿيو ڏينهن ته ڪنهن فوٽوگرافر کان وڏو ڪرايو ويو هو. هن ۾ ڪمل کي، سميش ساڄيو ڪارو سئيٽر پهرايو هو، جيڪو ڪيترا مهنا اڳ هڪ طوفاني رات جو ڪمل کي ڏنو هئائين. اها رات اهو انڌيرو ڪمل جي گلي ۾ اهو ڪارو سئيٽر، مٿي تي اڻ سنوارل وار

۽ انهيءَ اوندهہ ۾ ڪمل جو چمڪندڙ چهرو سميش جي من ۾ هڪ چڪ پيدا ٿي. هن ڪمل کي ٻنهي ٻانهن ۾ ڪٺي ڪيو.

”مان نه اچايو مايوس ٿي ويو هوس. مون وٽ جيڪا دولت آهي، سا ڀلا ڪنهن وٽ هوندي؟“

ٻئي مهني ڪمل جي ماءُ صوفن جي هڪڙي پيتي موڪلي. ڪمل انهي ٻلتي سميش کي ڏني ته ڏٺائين سندس شڪل ڏاڍي لٿل آهي.

”ڇاهي سميش؟ مون راحت کان وٺي توکان پڇندو آهي.“

”ڪجهہ ڪونهي.“

”راحت ۾ ائين چئي، هاڻي ۾ ائين پيو چئين.“

”ليڪن ڪا ڳالهہ هجي ۾ نه.“

”سميش تنهنجي منهن کي مان شايد ضرورت کان وڌيڪ سڃاڻان. ڪرڻ منهنجو قسم، ڪجهہ ڪونهي؟“

سميش ڪنڌ ڪٺي هيٺ ڪيو. پوءِ اوچتو ڏکو ساهہ ڪٺي چيائين، ”تنهنجي پيءُ ۾ وڃي الاجي مونکي ڇا ٿو ٿي وڃي.“

”ڇا؟“ ڪمل هي سوال ۾ گنڀير ٿا هئي.

”ڪڏهن ڪڏهن مونکي اهو خيال ايندو آهي ته مونکي ڏنل هيءُ حق، مونکان اڳم ٻئي ڪنهن بہ نہ حاصل ڪيو هو.“ سميش مٿي نهارڻ کان سواءِ ٿي چيو.

خبر ناهي ڇا ڪجهه ڪمل جي اندر ئـــي اندر جلڻ لڳو ۽ سندس سارو جسم ٽانڊي ويو، کيس ائين محسوس ٿيڻ لڳو.

”اف يا ڏهه ڏينهن، مڙيئي ٻال ٿوني اهو حق حاصل نه ڪيو هو نه.“

ڪمل کي نه غصو آيو نه روئڻ، کيس فقط ائين محسوس ٿيو، ڄڻ سخت بخار چڙهي ويو هوس. سندس مٿي ۾ گهمراٽي اچي ويئي ۽ ٽنگون ڏڪڻ لڳس.

”تون مونکي معاف نه ڪري سگهندين ڪمل؟ اڄ مون توکي ڏاڍو ڏکويو آهي نه؟“ رات جو سميش ڪمل جي [illegible] وهندي چيو.

ڪمل پنهنجو مٿو پنهنجن گوڏن تـي ڪٽي رکيو هو. سندس دل چيا ائين چوي ته ”سميش، ڇا ٻهر ڏين توکي اها خبر ڪانه هئي. توکان مـون ڪجهه لڪايو نه ڪونه هو.“ مـگر ڪمل چيو ڪي ڪونه.

سميش هٿن سان ڪمل جو منهن مٿي کنيو. سارو مکڙو ڳوڙهن سان ڀڳل هو.

ڪمل جي مـرضي هئي ته چـوي، ”سميش تنهنجي حياتيءَ ۾ به مونکان اڳ، هڪ ڇوڪري آئي هئي. توکي ٻلي هن سان پيار نه هو، مگر مون ڪڏهن ڪجهه چيو آهي. شـايد اها شڪايت رڳو مرد ئـــي ڪري سگهن ٿا.“ پر ءِ به ڪمل اهي اکر زبان سان

چيا ڪونه.

”تنهنجا ٻوڙها مونکي شـــر مائين ٿا ڪمل،“ سميش ڏاڍي نمرتا سان چيو ۽ ڪمل کي پنهنجن ٻانهن ۾ ڪٽي جهليائين. سميش جي گرم پساهن سان ڪمل جي ڏکويل من کي جڻ سبڪ پهچي آيو.

- ٣ -

ڏينهن پکين جيان اڏامندا ٿي ويا. سميش جـــو جيڪو روپ ڪمل جي من کي موهي وجهندو هو، سو ڪمل کي فقط ان مهل نظر ايندو هـو، جڏهن مهل هو ڪمل جي همٿ جي پڪل ماني ٻيو کائيندو هـو. ڪڏهن پنهنجي ٿالهيءَ مان هڪڙي ڳهي ڪٽي، ڦلڪا پچائڻ تي وينل ڪمل جي وات ۾ وجهي ڇڏيندو هو. ڪڏهن وار کولي ڇڏيندو هـوس ته ڪڏهن ڪڏهن جڏهن ڪمل جا همٿ اٽي سان ٿقيل هوندا هئا، تڏهن، سندس چوليءَ جا ٻيڙا کولي خـــوب چيـــڙائيندو ۽ کلائيندو هـوس. ۽ اهو سڀ ڪمل کي ڏاڍو سٺو لڳندو هو.

اهو ئي ساڳيو روپ وري ڪمل کي تڏهن نظر ايندو هو، جڏهن سندس ۽ سميش جي پساهن جـون ٻه نديون پاڻ ۾ ملي وهنديون هيون ۽ پاڻـــي سيني ڪنارن کي ٻوڙي وجهندو هو. هـو ملي ان پاڻيءَ ۾ سڄي ڏينهن جي، ڌوڙ ڌوئـي اُڇندا هئا. ان وقـــت ڪمل سميش جي چهري طرف ڏسندي ٽڪبي ئـي

ڪين هئي. بارش سان ڌوتل ٻن جهڙو ھوندو ھو،
سميش جو اهو روپ بلڪل تازو، صاف ۽ بلڪل
شانت.

سميش جي ان روپ ڏسڻ لاءِ ڪمل پاڻ کي
فقط ٻن ڪمن جي حوالي ڪري ڇڏيو هو - رڌڻ ۽
سمهڻ جو ڪمرو رڌڻي مان نت نئين رائي ڏيڻ جي
سگند ۽ ڪمري ۾ نت نئين سجاوٽ.

ڏينهن پکين جي قطارن جيان اڏامندا ٿي ويا.
هڪ ڏينهن اوچتو سميش چيو، "ڪمل توکي ڀاڙين
شاديءَ مان پوريءَ طرح ڇوٽڪارو نه ملي سگهندو؟
منهنجو مطلب آهي- قانوني طرح؟"

"مون کي خبر ڪانهي ڪنهن وڪيل کان پڇڻو
پوندو... هي ڪورٽون نه مصيبت آهن...... مگر ڇو
ڪهڙي ڳالهه آهي؟" ڪمل چيو.

"ڪجهه ڪونهي مون پڻ سوچيو آخر منهنجي
ماءُ پيءُ کي نه ضرور پتو پئجي ويندو. شايد ڪون ڪجهه
سٽس پئجي به ويئي آهي. هو اسان جي شاديءَ کي
شادي ڪونه سمجهندا." سميش رڪجي رڪجي ۽
شڪجي شڪجي چيو. وري چوڻ لڳو "هن شاديءَ
کي ڪير به شادي نٿو سمجهي. ڪالهه منهنجي دوست
هڪ چرچو ڪيو. اسان کي ٻئي پيرا گڏ گهمندو ڏٺو
اٿس. پڇڻ لڳو تون اڄڪلهه هڪ ڇوڪريءَ سان
گهمندو نظر ايندو آهين. مون چيو، "هوءَ منهنجي پتني

آهي.“ پر هن سمجهو ٿي نہ پئي.

ڪمل ڪجهہ نہ چيو. رڳو سميش جي منهن ڏي ڏسندي رهي. سميش ٿورو رڪجي وري چيو، ”هن سماج ۾ اسين ڪيئن هلي سگهنداسين؟ مان توکي ڪنهن دوست وٽ بہ نہ نٿو وٺي وڃي سگهان. ڪنهن دوست کي گهر ۾ ڪوٺي بہ نٿو سگهان. اسين ائين پيا اڪيلا گهمون جڏهن ڪنهن ويران پٽ تي ويٺا آهيون.“

”دل گهريو ساٿي نہ هجي تہ ماڻهو سنديءَ ۾ بہ پيو ويراني محسوس ڪندو.“ ڪمل کي ڇوڙ لاءِ لڳو ڪجهہ ٿو ليڪن ڪيس سڌ هئي تہ جيڪي هوءَ چوڻ چاهي ٿي سو سميش کي معلوم نہ هو. هر ڪا ڳالهہ ائين ٿي نظر ايندي آهي جيئن اسين ان کي ڏسڻ چاهيندا آهيون. ڪمل کي ان ڳالهہ جي بہ خبر هئي.

”ڪڏهن ڪڏهن مونکي ائين پيو لڳي جڻ مون کي سماج مان تاڙيو ويو آهي. مونکي لڳيٿو مان تمام جلدي پڪو ٿي ويندس.“ سميش سامهو آرسيءَ ۾ ائين ڏسڻ لڳو جڻ کيس ايڪيهين سالي ۾ ٽيهہ سال شروع ٿي ويو هو. گهبرائجي چيائين، ”مان ايترو جلدي پڪو ٿيڻ نٿو چاهيان ڪمل!“

ڪمل کي ائين محسوس ٿيو جڻ پکين جي قطارن جيان اڏامندڙ ڏينهن کي ڪنهن گلولو هڻي ڪيرايو ۽ هيءُ ڏينهن هڪ گهايل پکيءَ جيان هيٺ ڪري پيو هو.

-٤-

ڪمل اٽو پئي ڳوهيو ۽ سميش اهڙيءَ طرح اچي سندس اڳيان بيٺو ڄڻ سميش نه هو پر سوال جي نشاني هو.

"ڇاهي سميش؟" ڪمل اٽو ڳوهيندي پڇيو.

"بابا وٽان تار آئي آهي."

"سو ڇا؟"

"هو صبح واري گاڏيءَ ۾ پهچي ويندو."

"سٺي ڳالهه چئبي."

"سٺي ڳالهه نه ٿي ڪمل!" سميش ڪڪ ٿيل نظر آيو. خبر ناهي ڪمل ان جو ڪارڻ هئي يا خود پاڻ.

"نيمت نه ڪنهن ڏينهن اچڻو ئي هو، سياڻي ٿي نيڪ آهي." ڪمل همت ٻڌي چيو ۽ وري اٽو ڪٽي ٻوڪي رکيائين.

"نه ڪمل ڏاڍي خراب ڳالهه ٿيندي." سميش پنهنجي نرڙ تان پگهر اگهيو.

"ڪاٿي خرابي نه ٿيندي سميش مان خودئي..."

"تون خودئي ڇا ڪندين؟ مان نه صفا برباد ٿي ويندس."

"برباد؟" ڪمل کي جڻ اها ڳالهه اصل سمجهڻ ۾ نه پئي آئي ته ڪيئن ڪوئي پيءُ ٻچن جي پست سان گڏجڻ ايندو ته ان ۾ ڪا بربادي جي ڳالهه

هوندي.

”تون ڇو ڪين ٿي سمجهين ڪمل؟ منهن جو آئيندو......“ ۽ سميش زندگي جي طاق تي رکيل باسڻ طرف اٿين ڏسڻ لڳو، جڻ اهي سڀ باسڻ سندس آئيندي جي راهه ۾ رڪاوٽون بڻجي پيا هئا.

”سچ ٻڌاءِ...... تنهن جي ڪهڙي مرضي آهي سميش؟“

”منهنجي......“ سميش جڻ هٻڪي ويو.

”ڪوئي پرلو ڪونهي. سميش من جي اڇا کي نه روڪ.“

”منهنجي مرضي آهي ته بابي کي هن شاديءَ جي خبر نه پوي...“ ۽ سميش باسڻن جي طاق کي ان طرح جهليو جڻ اهو ڪريو ٿي.

”پر سميش......“

”تون ڪيس ڪونه سڃاڻي ڪمل.“

”مان نه سڃاڻاس ته نه سهين. پر ايترو ته ڄاڻان ٿي ته هو پيءُ آهي. سندس اندر هڪ پيءُ جي دل آهي.“

”دل، فقط نرم نه ٿيندي آهي، دل پٿر جي به ٿيندي آهي.“

”نه فڪر ڪونهي. مان پٿر جي چوٽ سهي وٺنديس...... مونکي به ڏسڻ نه ڏي. ڏسان ته سهين، هو ڪيترو پٿر ٿي ٿو سگهي.“ ڪمل مٿ مان پاڻي

ٻري هڪ پيڪ پيتو ۽ گلاس هٿ ۾ ائين ڪٽي جهلياٿين جڻ پٿر جي چوٽ رسي هجيس ۽ ان کي پاڻيءَ سان ڌوئڻو هوس.

”۽ مان تنهنجي ڏسندي ڏسندي ڪوڏيءَ جو نه رهندس.“ سميش جيترو ٿي پاڻ سنڀالي ويٺو هو، اوترو ٿي وڌيڪ اڇي ڪڪ ٿيو.

”سميش سميش!“ ڪمل ان کان وڌيڪ ڪجهه چئي نه سگهي.

”مونکي سڌ آهي ته هو مونکي پنهنجي ملڪيت کان محروم ڪري ڇڏيندو ۽ پوءِ تيهن ڏهن رپين لاءِ اخبارن جي آفيسن ۾....“

”توکي ڇا ٿيو سميش؟“ ڪمل جا اهي اکر اڌرا هئا، جڻ ڪوئي پنهنجي قاتل کيسي ۾ هٿ وجهي ۽ ڏسي ته الاجي ڪيڏي مهل سندس سڀ پئسا ڪري پيا هجن.

”تون ڏينهن لاءِ تون ڪيڏانهن ٻاهر هلي وڃ...“

”ڪيڏانهن هلي وڃان! هن گهر مان هلي وڃان ... هائو هيءَ جاءِ...“ ۽ وڌيڪ ڪمل چپ ٿي ويئي.

”تون ڇا ٿي چوڻ چاهين؟“

”ڪجهه نه.“

”ڪجهه ڇيڻ نه ٿي.“

”ها... ڇم ٿي هيءَ جاءِ... مون سمجهيو منهنجو گهر آهي.“ ڪمل مرڪي ڏنو.

"اٿين اهڙي جذباتي نه ٿيءُ ڪمل! هر وقت گهر گهر..."

ڪمل جي چپن تي آيو جهڪو چوي، "سچ ٿو چوين سميش، استريءَ کي خبر ناهي ڇا هي، جو هر وقت گهر گهر جي ٿي لڳي پيئي اٿس. ڏاڍي جذباتي آهي عورت ذات..." مگر ڪمل چيو ڪجهه ڪين، چپ بند ڪري ڇڏيائين.

"تون ٿورا ڏينهن ڪٿهن هوٽل ۾..."

"ها، اٿين چڱو ٿيندو... استريءَ سان گڏ گهر جو اڪر سونهين ڪي ٿئو. استريءَ هوٽل..." مگر اهڙو سڀ به نه چيائين.

"مان هوٽل جو سڄو خرچ ڏيندس." سميش ڪمل کي چپ ڏسي ڏاڍي مردانگيءَ سان چيو.

"ها، پر خرچ ته تمام گهڻو ايندو. اخبارن جي آفيسن مان ته مشڪل سان ٽيهه ٽيهه رپيا ٿا ملن..."

"ڪجهه ڪندس. شايد بابا ڪجهه وڌيڪ ڏينهن هتي رهي پوي."

ڪمل مرڪڻ لڳي. سميش چيو، "مگر تو ته چيو هو، توکي هتي نوڪري ملي ويندي."

"ها، چيو هوم. ليڪن توکي ياد هوندو ته مون هڪ ڏينهن چيو هو، سميش هاڻي شايد مونکان نوڪري ٿي نه سگهندي. ڇا اها ڳالهه..."

"ها، اها ڳالهه... مگر مون ته توکي چيو هو ته

هن وقت اسان کي ٻار جي گهرج ڪانهي. تون ضرور ڪنهن ڊاڪٽر وٽ وڃ."

"ڇا تي وڃو آهي توکي سميش. تنهنجي ٻالڪ کي، مان پنهنجي ٻالڪ کي هن دنيا مان واپس موڪلي ڇڏيان؟"

"ڪمل!" سميش ڪمل ڏانهن اکين ڏسڻ لڳو، جڻ هوءَ ستن سالن جي ڇوڪري هئي، جنهن کان ميز تي ڪا مس ڪپڙي هار جي پيئي هئي. هو ڏاڍي ديريانيءَ سان چوڻ لڳو، "پنهنجي رهڻ لاءِ ٿي اڃا هن جهان ۾ جڳهه ناهي..."

"جنهن جهان ۾ مان رهنديس، ان ۾ هن جي رهڻ لاءِ به جاءِ ناهي وٺنديس. نه سميش، جيڪڏهن هنجي اچڻ سان تنهنجو هن گهر ۾ رهڻ ممڪن نه ٿي سگهندو ته هو هن دنيا ۾ نه ايندو..."

"هائي، تو منهنجي مشڪلات کي سمجهو آهي ڪمل! هن وقت هن کي نه اچڻ کپي. مون اها ڳالهه نه چئي پئي. تو سمجهو ٿي نٿي." سميش اکين نرم ٿي ويو جڻ ان ٻالڪا ميز تان ڪريل مس، پاڻ مسڪيو ٻڌجي ڇهي ورتو هجي. "اڄ مان تو لاءِ هوٽل ۾ بندوبست ڪري اچان نه؟" سميش انهيءَ ٿي نرمائي سان چيو.

"ها ڪري ڇڏ،" ڪمل چيو ۽ سندس آواز ۾ ڪا به مونجهه نه هئي.

”ته اڄ يا سياڻي تون ڪنهن ڊاڪٽر وٽ ويندين ۽ نه.“ سميش ائين پڇيو جڻ ڪوئي پينگهي ۾ سمهيل ٻڪايل ٻار کي راند يڪو پڪڙائي پڇندو هجي ته ”هاڻي ته ڪلاڪ ڪن نه روئيندين نه؟“

ڪمل ڪنڌ لوڏي ”ها“ ڪئي. مگر ٻند چپن ۾ چپائين، ”ڊاڪٽر وٽ ويندس ضرور، ٻه ڇهن سٺن مهنن کان پوءِ.“

”اگر بابا گهڻو وقت رهي پوي ته تون ماٽ ميٽ ۾ ڪانگرا هلي وڃج، امي ۽ وٽ. امي تمام سٺي آهي.“ سميش ائين چوڻ لڳو، ڄڻ هاڻ ان پينگهي ۾ پيل ٻالڪ کي هڪ ٻدران ٻه رانديڪا ڪڻي هٿ ۾ ڏنا هجنس ۽ چوندو هجي، ”هاڻي ته توکي ٿي ڪلاڪ نه روئڻ کپي.“

ڪمل وري به ڪنڌ لوڏي ”ها“ ڪئي.

”تون ڏاڍي سٺي آهين ڪمل! هاڻي هڻن ڪر، هي سڀ باسڻ وغيره. هڪڙي ۽ ٽرنڪ ۾ ڪڻي وجهه. جلدي ڪري وٺ.“

”ٻر تون روٽي ته کائي وٺ. ڀاڄي تيار آهي. اٽو به ڳوهي رکيو اٿم.“

”ٻر دير ٿي ويندي ڪمل. چڱو ڀلا جلدي جلدي ماني پچاءِ.“

ڪمل ٻهرين ماني ويلينديءَ ٿي چيو، ”سميش تون روز روٽي ڪٿان کائيندين؟“

”تون مڊهڊجي ڳڻتي نہ ڪر.“

”پر تون چوندو آهين تہ توکي هوٽل جو ڪاڌو نہ وڻندو آهي.“

”پر ڪري ڇا تو سگهجي. تون ڪاڌو تمام سٺو تي ناهين. پر...“

ڪمل ماٺيءَ کي پڪو ڙيو ۽ چڪلي تي ڪري پنهنجو ڳوڙهو رئي سان اگهي ڇڏيائين. ”پيءِ بيدا پيا آهن. اهي بہ ناهي وٺان؟ سياڻي جي نيرن لاءِ وٺي رکيا هئم.“ ڪمل وري بہ چڪلو اُگهيو.

”ناهي وٺ ناهي وٺ. مگر جلدي ڪر. اڇا هيٽر و سيڪ ڪر ٽو آهي. تنهنجا ڪپڙا ٽي ڪيٽر پين جاين تي ٽنگيل آهن.“ سميش جڏهن ڪاڌو کائي اٿيو، تڏهن ڪمل جي پير ۾ اچي چوٽ لڳو، ”هر ڪا شيءِ ذرا ڌيان سان اسٽور روم ۾ بند ڪري ڇڏ. ٻاهر ڪا بہ شيءِ اسانجو گڏ فوٽو وغيره هتان ڪڍي ڇڏ. مان وڃي ڪنهن هوٽل ۾ ڪوٺي ڪمرو ڪري ٿو اچان.“ ۽ سميش بوٽ پائڻ لڳو.

”هي جوراب ميرا آهن. هوڏانهن بيا ڌوتا پيا اٿيئي.“ ڪمل هڪ جوراب سميش جي هٿ مان ورتو ۽ ٻيو جوراب سميش جي پيرن ۾ پيل هو.

”اهي تي پائڻ ڏي وري ديرِ ٿي ويندي.“ چوندي سميش ڪمل کان جوراب ورتو ۽ پائڻ لڳو. سميش ٻاهر هليو ويو. ڪمل چڪلو ويلڻ، سڀ ٻاسڻ ٻرتڻ ۽

جيڪي به چيزون استري جي هجڻ جي بانس ڏين سي سڀ ڪڍي ٻن ٽرنڪن ۾ وجهي بند ڪري اسٽور روم ۾ رکي آئي. ميز تي ٻيل فوٽو ۽ پهنڻا ڪپڙا سڀ کڻيا ٿين. ٽوال اڇا آلو هوان کي ٽرنڪ جي متان پکيڙي ڇڏيائين.

سميش جي واپس ورڻ تائين ڇگي سانجهي ٿي ويئي هئي. جڏهن در کڙڪيو، تڏهن ڪمل ويٺي ويٺي جهوٽا کائڻ لڳي هئي. ٺڪڙ ۾ اٿي در کوليندي هوءَ دل جي ڳالهه پلجي ويئي ۽ سميش لاءِ چانهه ڪڍي اچڻ لاءِ رنڌڻي ڏي هلي ويئي. پوءِ کيس يادگيري آئي ته اڄ چانهه لاءِ ڪمل کير ئي ڪونه ورتو هو. رنڌڻي ۾ باسڻ به نه ڪين هئا.

”ڪمرو سنو ڪونه مليو. سنن ڪمرن جي ته مسواڙ ڏاڍي گهڻي هئي.“ سميش چيو.

”پوءِ ڇاهي...“

”ڪجهه وڌيڪ ڏيهن لڳي وڃن ته...“

”ڪوبه ڏپ ڪونهي.“

”بابا مونکي شايد ڪنهن ولائت ۾...“

”سني ته ڳالهه آهي، ان سان ته آئمند و نهي پوندو.“

سميش کي ولائت واري ڳالهه چئي وجهڻ کانپوءِ محسوس ٿيو ته هن اها ڳالهه واسه مان ڪڍي سنو ڪم نه ڪيو هو. هن وقت اها ڳالهه چوڻ جي پلا ڪهڙي

ضرورت هئي. ڪمل الاچي ڪيئن انهيءَ ڳالهه کي وڌائي ڇڏيو. مگر ”سڀني نہ ڳالهه آهي.“ ٻڌي سميش کي لڳو، ڳالهه اتي ئي پوري ٿي ويئي. ڪيس ائين بہ لڳو تہ ڪمل جي آواز ۾ ڪجهہ نوڪ هئي تہ بہ سمجهائين هيئر ڪوٽ ڪرڻ ٺيڪ ناهي.

”تو پنهنجا ڪپڙا؟“

”سنڀالي رکيا اٿم.“

”هلون ٿڌهن......“

”ها.“

”هيڏانهن ڏي اها ٿيلهي مان ٿو کڻان.“ ڪمل هڪ ننڍي ٿيلهي هٿ ۾ کڻي هئي.

”سڀئي ڪپڙا جهڪر کڻين ها. خبر ناهي ڪيترا ڏينهن لڳي وڃن...“

”مون کي جيڪي کپندو هو، سو تہ مون کڻيو ئي آهي.“

سميش ڪجهہ واريءَ ڳالهہ تي وڌيڪ زور ڏيڻ چاهيو، پر چوڻ ڏاڍو ڏکيو هو، ان ڪري چپ ٿي ويو.

بس ۾ چڙهڻ کان پوءِ نہ سميش ئي ڪجهہ چيو ۽ نہ ڪمل ئي ڪا ڳالهہ ڪئي.

هوٽل چڱي هئي. جيڪو ڪمرو ڪمل لاءِ ورتو هئائين اهو هوٽل جي پنهنجي ڪمرن منجهان هو ۽ منجهن اوندهہ بہ هئي. ليڪن انهيءَ ڪمري جي مسواڙ سيني

ڪمرن کان گهٽ هئي. ڪمل کي ڪمري ۾ ڇڏڻ کان پوءِ سميش اهڙيءَ طرح ڪمري ۾ ٻيهڪي ويو جڻ دروازي کيس پڪڙي رکيو هو.

”منهنجي چنتا نہ ڪر سميش.“ ڪمل ڪيتري دير جي چپچاپ ڪانپوءِ آهستي چيو.

”تون مونکي شرمائڻ ٿي چاهين.“ الاجي ڇو سميش ائين چئي وينو. وري چيائين، ”جيسين اسانوٽ روڻي ناهي پوزيشن ناهي تيسين اسانجي پيار کي ب کهڙي معنيٰ آهي...“

”ليڪن مون نہ کي ڪين چيو.“ الاجي ڇو ڪمل مرڪڻ لڳي.

”مان ڄاڻانٿو تون مونکي شرمندو ڪرڻ ٿي چاهين. انڪري ائين ٿي ڪلين.“

”جي روئان نہ توکي ڇگو لڳندو؟“ ڪمل کي نہ پنهنجي ڪل پنهنجو روئڻ اهڙيءَ لوڻيءَ وانگر ٿي لڳو جنهن کي مٿان وجهندي گرمي ٿي لڳي، لاهي ڇڏڻ سان سيءُ ٿي پيو.

”تون مون کي معاف نہ ڪري سگهنديءَ ڪمل.“

”توکي ڇاٿي ويو آهي سميش. هن ۾ پلا معاف ڪرڻ جي ڳالهہ ئي ڪهڙي آهي.“

”مان تنهن جي لائق ناهيان ڪمل. تون مون کي وساري ڇڏ......“ ۽ پلنگ جي ايس ئي ائين ويهي

رهيو جڻ ڪانئس وڏيڪ سنو نٿي ٿيو.

اگر ڪوئي ڪمل طرف ڏسي ها ته نظر اچي ها، ڪمل جي اکين ۾ اللهي آنسو چلڪي رهيا هئا ۽ اڇين تي هڪ مرڪ جهڙي ويٺي هئس ۽ پوءِ اهي آنسو لهي ائين اچي چپن جي پر ۾ بيٺا جڻ ساري مرڪ کي گلي لڳائڻ ٿي چاهيائون.

”مان مرد آهيان ڪمل. مان جيڪڏهن پنهنجي ڪائي پوزيشن نٿو ٺاهي سگهان ته پيار ڪيئي چيا ڪندس.“

ڪمل سوچيو اها پوزيشن ۽ پيار واري ڳالهه ته سميش اڳ به ڪيس سمجهائي چڪو آهي. مگر اڄ وري وري چو ٿو چوي. هن جي دل ۾ تي چوي ته عورت اها ڳالهه اڳي پلي نه سمجهي سگهي هئي ليڪن اڄ سمجهي چڪي آهي. پوءِ به زبان سان ڪجهه چئي نه سگهي.

ايتري شانتي چانئجي ويئي، جنهن کي ٽوڙڻ لاءِ ڪمل وٽ ڪي ڪين هو. پوءِ ڪيس هڪ بي معنيٰ ڳالهه چوڻ سجهي آئي. چيائين، ”صبح جو بابا جي گاڏي گهڻي لڳي پهچندي.“

”ائين بچي.“ چوڻ کي ته سميش چئي ويو، پر هاڻي کيس اچي ڪتڪو ٿيو شايد ڪمل سندس پيءُ سان گڏجندي ۽ کيس پنهنجي حق واري ڳالهه چوندي. اها پار واري ڳالهه...... ۽ سميش ايترو ته پريشان ٿي

ويو جڏهن سندس پيرن هيٺان زمين نڪري ٿي ۽ ڇت ۾ وڃي پهتي هئي. ”ڪمل تون بابا کي...“

”نه سميش اصلي نه... ڇا تو مونکي ايترو به نه سمجهيو آهي؟“

”اگر توکي ڪائي ضرورت پوي ته تون خط لکج ۽ ته مونکي جڏهن جڏهن واندڪائي ملندي تڏهن تڏهن اچي توکي ڏسي ويندس. تون خود ڪڏهن به او ڏانهن نه اچج.“

سميش اٿي کڙو ٿيو. ٻنهي هڪ ٻئي ڏي ڏٺو ”ڪائي آخرين ڳالهه...“

سميش سوچيو، ”ڇا ڇوان“ ۽ وري کيس هڪڙي ڳالهه اچي ياد پيئي، ”تون ياد گيري ڪري ضرور ڪنهن ڊاڪٽر وٽ وڃج. جي گهڻا ڏينهن پيٽ ۾ يا ته ڏاڍي تڪليف ٿيندي. پيسن جي ڳڻتي نه ڪج جيترا به هو گهرن...“

سميش کي ته چوڻ لاءِ اها ڳالهه ياد اچي ويئي پر ڪمل کي ڪجهه به ياد نه پيو.

سميش هليو ويو. ڪمل کيس پٺيان ڏٺو. کيس محسوس ٿيڻ لڳو شايد سميش کيس سمجهو ٿي ڪين هو... يا شايد پاڻ ٿي سميش کي نه سمجهو هئائين... ڪجهه... ڪٿي اهڙو ڪجهه جو ٻنهي نه سمجهو هو... ۽ ڪمل کي لڳو سميش جو مکڙو جڏهن کي هن جنمن کان سڃاڻي ٿي سمجهو تنهنجي پنهنجي به اج کيس، سڃاڻ

اُٿي لڳي.

- ۵ -

”ميم صاحب ڪاڏو...“

”نه ڪپي... ٿورا پيا ڪپن... ملي سگهندا؟“

بيئرر واپس وڃي هوٽل جا ليٽرفارم ۽ هڪ پينسل ڪڻي آيو.

”بيو ڪجهه... چانهه... ڪافي؟“

”چانهه؟ چڱو چانهه ڪڻي اچ.“ ڪمل چانهه جو ڪوپ پيتو ۽ پينسل ڪڻي لکڻ ويٺي.

ڇني سڄي سندس من ۾ اُڀري آئي هئي. ان جي هرڪا سٽ سندس من ۾ اڀري پيئي هئي. مگر سميش کي ڇا ڪري سڏي. ڪمل جي پينسل رکجي ويئي. کيس يادگيري آئي سال اڳ جي وقت جي جڏهن هوءَ خط لکڻ وهندي هئي ۽ سوين اکر سندس قلم جي ارد گرد پيڙ لائي اچي بيهندا هئا ۽ اڄ سندس پينسل کي فقط هڪ اکر به نه ٿي ملي. ڪمل سوچيو ”هڪ ئي سال اندر هي ڇا ٿي ويو؟“ ۽ من قابوءَ ۾ آڻي ڇڏيائين، ڇو ته کيس چنتائن جو هڪ اهڙو اوراهه ٿي نظر آيو، جنهن ڏانهن پير ترڪيو ته من جو پتو به نه ليندو، اُن ڪري چنتائن جو رستو ڇڏي ڇنيءَ جي راهه پڪڙيائين. مگر خط لکڻ مهل پهريون ڪاهي نه هئي- ڇا ڪري پڪارجي. ”منهنجا سميش“ گذريل سال جي الاهي خطن جي اها ئي شروعات

هئي. ”منهنجي منزل“ ”منهنجا وشواس“ ڪمل انهن سڀني اکرن کي ڏسي چيو، ”مونکي ڪانه خبر هئي ته توهين گلن وانگر هڪ ڏينهن ۾ ئي ڪومائجي ويندا. ڪمل هڪ سادي شروعات سوچي، ”منهنجا سميش“. مگر ايتري سادگي ته تڏهن ٿي اچي سگهي، جڏهن ڪوئي سچو ئي ايڪتا جي رنگ ۾ رڱيل هجي، هتي ته هوءَ صرف ڪناري تي بيٺي هئي، سچي جي سچي سڪل! کڻي پنو ڦاري ڦٽو ڪيائين.

”سنا سميش“ نه نه. هو سوچيندو، مونکي شرمائي ٿي. ڪمل اهو پنو به ڦاري ڦٽو ڪيو. پوءِ لکيائين، ”سميش“. اهو ئي سرو ڪيس پورو نظر آيو. ڪمل خط لکيو. هڪ ڀيرو پڙهيائين، ٻيو ڀيرو پڙهيائين ۽ پوءِ وهاڻي هيٺان رکي سمهي پيئي.

صبح جو گهنٽيءَ جي آواز تي ڪمل جي اک کلي پيئي. دروازو کليو ۽ بيئرر چانهه کڻي اندر آيو.

ڪلهه ئي ته سميش ڪيس چيو ويو هو ته ضرورت پوي ته چٺي کڻي لکج، پاڻ اُٿي نه اچج. ڪمل سوچيو، مان ته سندس گهر ڪين ويس، مگر سپني کي ڪير روڪي. اهي ته رات مونکي وٽس ئي وٺي ويا هئا.

ڪمل واچ ۾ ڏٺو. ست وڄي چڪا هئا. ڪمل خط کڻي لفافي ۾ وڌو.

ڪمل جڏهن هوٽل جو بل چڪائڻ ويٺي، تڏهن
مئنيجر چيو، "صاحب ته ڇٽي ويو هو، توهين ڇگو
ئي وقت رهندا."

"رهڻو ته هو، پر ڪلهه ايندي وقت تار اچي
ويئي ته منهنجي ماءُ سخت بيمار آهي."

ڪمل اسٽيشن واري بس ۾ چڙهي ويئي. سڀ
بازارون ڄاتل سڃاتل هيون. هڪڙي بازار، ٻي بازار،
هاڻي بس گهر وٽان لنگهندي - گهر جتي ڪلهه صبح
ڪمل ويٺي هئي ۽ شام جو اهو گهر سندس گهر نه هو.
هي گهر ۽ استريءَ جو ناتو ايترو ڪچو ڇا لاءِ ٿيندو
آهي. وري ڪيس راڻوڪو خط ياد آيو، اڄ سميش
ڏي لکيو هئائين. هاڻي گهر لنگهڻ وارو ئي هو.
ڪمل سوچيو، "لهي جيڪر خط ڏيئي اچانس ۽ ياد
آيس اهي، اڪر جيڪي سميش وڃڻ ويل چيا هئا،
"تون خود الي نه اچج......" ڪمل واڇ ڏني پوٽا
ات لڳا هئا. انين ٻجي گاڏي ايندي. سميش ضرور
اسٽيشن تي ويو هوندو. مان جيڪر هڪ منٽ لاءِ
سندس چوڻ ڪٽي اوراڱهيان نه ڪيٽن؟ اصل انهي
راتڪي سپڌي وانگر جيڪو راڄ مونکي آيو هو. بس
بيٺي. ڪمل ٽڪيٽ ته اسٽيشن تائين ورتي هئي،
سندس پير پيوسيءَ سان هيٺ لهي آيا.

در بند هو. ڪمل در هٿ سان ڇنو، پـ
ڪڙڪا پائين ڪين. "هينءَ ئي ته دروازو بند هو

منهنجي ماءُ ساري رات اهو ڪڙڪائيندي رهي هئي.“
ڪمل جو من ڀرجي آيو، ڪير ڄاڻي اهو ڊر ڏسي، ڪي ڀيءُ جو ڊر ياد ڪري! خط لفافي ۾ وڌو، هٿائين، سو ڪڍي وري پڙهڻ ويٺي- ”سمش، تنهنجو گهر توکي مبارڪ. تنهنجي ڪمائي تنهنجي ڀيءُ جي ڪمائي. محل جيان سينگاريل تنهنجو گهر. ڌرم جا، سماج جا، سؤمان جا، ڪيترا نه گل آهن تنهنجن گلدستن ۾. محلان جيان سجايل تنهنجو گهر. منهنجو پيار...... رستي جي ڌوڙ جيان تنهنجن قدمن کي لڳي هئس. اڄ تون پنهنجي محل ۾ گهڙڻ کان اڳ، ٿمڙيءَ سان پير اگهي اندر گهرج.

ڪمل.“

۽ ڪمل پني کي ٻيڻو ڪري انهيءَ بند دروازي سان لڳل ليٽر باڪس ۾ وجهي ڇڏيو.

-٦-

ڪمل سفيد ساڙهيءَ ۾ ملبوس هئي. اهڙي شڪل ٿي نظر آئي جڻ ٻن ڏينهن کان ننڊ ئي نه ڪئي هئائين ۽ هاڻي سنان پاڻي ڪري ڪنهن بستري تي آرامي ٿيڻ لاءِ پريشان هئي.
اسٽيشن تي پهچي ڪمل پاڻ کي دلاسو ڏنو، ”باقي ٿوري دير!“ سندس سفيد ساڙهي هلڪو اڏامندي جڻ شڪل لهجي ۾ پڇيو، ”اڃا ۾ مهل! سو ۾ ڪيڏو رستو!“

ڏاڏي ٻير جي ڇمپل جو هڪڙو ڪوڪو گهڙيءَ گهڙيءَ ساڙهيءَ ۾ اٽڪي ٽي پيو. ساڙهي گهڻو ٽـــي ان کان ٻاهر ڇڏائي، پر ڪوڪو ڇڏيس ڇو ٿو؟ ساڙهي، ٻالڪ جيان هٺ ڪري ٻيهي رهي. ڪمل ڪيس هٿ ۾ ڪنيو، ٻچڪارو ۽ اڳتي هلندي رهي. ”ڪمل هـاءِ اسڪول.“ پٽ تي لکيل وڏن اکـــرن منجهان تازيءَ تيل بارش ۾ ان هندن تان رنگ لهي ويو هو. ڇڻ پٽ جي اکين مان آنسو لهي آيا هئا.

ڪمل ڪيترو وقت انهن ٻن ٻوڙهن کي ڏسندي رهي. پوءِ ساڙهيءَ جي پلئه سان پنهنجون اکيون اگهي ڇڏيائين. ”امي!“ سڏيندي در ڪڙ ڪائڻ لڳي. ڪمل جو آواز ڇهڪو هو، پر پٽ کي ڇيري اندر ٻهچي ويو. ماءُ ڏاڍي گهٻراهٽ ۾ اچي در کوليو.

”ڪمل، تون!“ ماءُ جـون ٻئي ٻانهون کلي ويئون.

”ها امي.“ ڪمل پاڻ کي انهن ٻانهن ۾ اڇليو.

”ائين اوچتو ٿي او چتو؟“

”تنهنجي دروازي جو ٿي ڏوهه آهي.“

”منهنجي دروازي جو؟“

”اهو مونلاءِ سدائين کلي ٿو پوي.“

”اهو تنهنجو ٿي نه آهي ...... منهنجي من جو دروازو ......“

”هائو ’منهنجي من جو دروازو.‘ سمپش جو در

بہ بند ٿي ويو. ٻيا سڀ در بند ٿي ويا. “

ماءُ ٻيو ڪجھ ڪين پڇيو. نڪي ڪمل ئي ڪجھ ٻڌايو. ماءُ جي ڀاڪر جي ڀڪور اجا بہ سوڙهي ٿي ويئي ۽ ڪمل پنھنجي دل جو بار ماءُ جي ڳرندڙ ڇاتيءَ مٿان ليٿائي ڇڏيو.

” تنھنجو سامان؟ هن طرح اصل خالي هٿين!“

ماءُ پڇيو.

” نہ امي، خالي نہ آئي آهيان. جيڪي ڇڏي نہ سگهيس اهو تہ پاڻ سان کڻي آئي آهيان“

ڪمل مرڪڻ لڳي.

ماءُ هڪ ڀيرو ڏيان سان ڪمل کي ڏٺو.

” ها امي، عورت جي ڪک ڪڏهن خالي رهندي؟ نہ امي، عورت جي ڪک خالي رهجي وڃي تہ ڀلا زندگي هي سوين سوُر ڪنھنکي ڏيندي ڦرندي.“

***********